॥ شري پَرماتِمني نَمَھہ ॥

اَٺ ترِتيبيو ڏِيايَھہ

اڏياءَ ٻئين ۾ ڀڳوان شري ڪرشن ٻڌايو تہ ھيءَ ٻُڌي تنهنجي لاءِ گيان مارگہ جي باري ۾ چئي ويئي آھي. ڪھڙي ٻُڌي؟ اِھائي تہ يڌ ڪر. جيتيندين تہ اُتم پد ۾ استتي پراپت ڪندين ۽ ھارائيندين تہ ديوتاپڻو آھي، ڪجھہ ملندو ئي آھي. ھاڻي اُنهي درشتيءَ سان لاپ ۽ ھاجي ٻنهي ۾ ڪجھہ نہ ڪجھہ ملندو ئي آھي، ڪڏھن بہ نقصان ڪونہ آھي. وري چيائون- ھاڻي تون اُنکي نشڪام ڪرم يوگہ جي باري ۾ ٻُڌ، جنهن ٻُڌيءَ ۾ تون پربل ٿي تون ڪرمن جي ٻنڌن کان چڱيءَ طرح ڇٽي ويندين. پوءِ انهن جي خاصيتن تي روشني وڌي. ڪرم ڪرڻ وقت ضروري ساوڌانين تي زور ڏنو تہ ڦل جي واسنا وارو نہ ھجي، ڪامنائن کان رھت ٿي ڪرم ۾ پرورت ٿيءُ ۽ ڪرم ڪرڻ ۾ تنهنجي اشرڌا بہ نہ ھجي، ائين ڪرڻ سان تون ڪرم ٻنڌن کان مڪت ٿي ويندين. مڪت تہ ٿيندين پر رستي ۾ پنهنجي استتي نہ ڏسڻ ۾ آئي.

ھاڻي ارجن کي نشڪام ڪرم يوگہ جي ڀيٽ ۾ گيان يوگ سولو ۽ پراپتي ڪرائڻ وارو جاڻجي ٿو. ھن سوال ڪيو- جناردن! نشڪام ڪرم جي ڀيٽ ۾ گيان مارگہ توھانجي درشتيءَ ۾ سريشٽ آھي تہ مونکي ڀينڪر ڪرم ۾ ڇوٽا لڳايو؟ سياويڪ سوال ھو سَمِجھُہ ھڪ ئي استان تي وڃڻ جا بہ رستا آھن. جيڪڏھن توھانکي سچ پچ وچٽو آھي، تہ توھين ضرور سوال ڪندا تہ انهن ۾ سولو ڪھڙو آھي؟ جي نٽا ڪريو تہ توھين راھگير نہ آھيو. نيڪ اھڙي طرح ارجن بہ سوال ڪيو.

अर्जुन उवाच

ज्यायसी चेत्कर्मणस्ते मता बुद्धिर्जनार्दन।
तत्किं कर्मणि घोरे मां नियोजयसि केशव॥१॥

ارجن اُواچ

’جيايَسيِ چيتِڪرمَڻسِتي متابُڌِيرِ جناردن
تَتِڪِمِ ڪَرمَڻي گهوري مامِ نِيوجَيَسيِ ڪيشَوَ‘(۱)

ماڌهن تي ديا ڪرڻ وارا جناردن! جيڪڏهن نشڪام ڪرم يوڳ جي ڀيٽ ۾ گيان يوڳ توهانکي سريشٽ ٿو لڳي، ته هي ڪيشوَ! توهين مونکي ڀينکر ڪرم يوڳ ۾ ڇو ٿا لڳايو؟

نشڪام ڪرم ۾ ارجن کي ڀيانڪتا نظر آئي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪرم ڪرڻ جو ئي اڌڪار آهي، ڦل جو اصل نه. ڪرم ڪرڻ ۾ اشرڌا به نه هجي ۽ هميشه سمرپڻ سان گڏ يوڳ تي درشٽي رکندي ڪرم ۾ لڳو رهُه. جڏهن ته گيان مارگ ۾ هارائيندين ته ديوِتو آهي، جيتڻ تي اوچ اسٿتي آهي. پنهنجو لاڀ هاجي پاڻ ڏسندي ئي اڳيان وڌڻو آهي. ان طرح ارجن کي نشڪام ڪرم يوڳ جي ڀيٽ ۾ گيان مارگ سرل لڳو. تنهنڪري هن التجا ڪئي-

व्यामिश्रेणेव वाक्येन बुद्धिं मोहयसीव मे।
तदेकं वद निश्चित्य येन श्रेयोऽहमाप्नुयाम्॥२॥

’وِيامِيِ شِريڻيوَ واِڪيين بُڌِيمِ موهَيَسيِوَ مي
تَديڪَمِ وَدَنِشِچِتِيَه يينَ شريِيو هماپرُيامِ (۲)

توهان مليل جليل وچنن سان منهنجي ٻُڌي موهت ٿا ڪريو. توهين ته منهنجي ٻُڌِيءَ جو موهه دور ڪرڻ ۾ پرورت ٿيا آهيو. هاڻي انهن مان هڪ نشچت ڪري ٻڌايو، جنهن سان پرم ڪلياڻ موکش کي پراپت ٿي وڃان ان تي شري ڪرشن چيو:-

श्रीगवानुवाच
लोकेऽस्मिन्द्विविधा निष्ठा पुरा प्रोक्ता मयानघ।
ज्ञानयोगेन साङ्ख्यानां कर्मयोगेन योगिनाम्॥३॥

شري ڀڳوان اُواچ
’لوڪيسِمَندِوَ وڌا نِشنا پُرا پِروِڪتا ميانگهہ
گيانَيوگيِنَ سانکِيانامِ ڪَرمَ يوگيِنَ يوگينامِ (٣)

نشپاپ ارجن! هن سنسار ۾ ستيہ جي کوجنا جون ٻہ ڌارائون منهنجي دوارا پهرين چيون ويون آهن. پهرئين جو تاتپرج ڪڏهن سَتِيُگہ يا تريتا ۾ نہ، بلڪ هينئر جنهنکي ٻئي اڌياءَ ۾ چيو ويو آهي. گيانين لاءِ گيان مارگہ ۽ يوگين لاءِ نشڪام ڪرم مارگہ ٻڌايو ويو. ٻنهي ئي مارگن جي انوسار ڪرم تہ ڪرڻو ئي پوندو. ڪرم ضروري آهي.

न कर्मणामनारम्भान्नैष्कर्म्यं पुरुषोऽश्नुते।
न च सन्न्यसनादेव सिद्धिं समधिगच्छति॥४॥

’نَہ ڪَرمَڻا مَنارَمِيانِنَئِيِشڪَرمِيَمِ پُرُشو شُرُتي
نَہ چَ سَنِيِسَنا ديوَ سِڌِيمِ سماڌِيگَڇتِي (۴)

ارجن! منش نہ تہ ڪرمن کي نہ شروع ڪرڻ سان نشڪرمتا جي انتم استٿيءَ کي پراپت ٿئي ٿو ۽ نہ شروع ٿيل ڪِريا کي تياڳڻ ماتر سان ڀڳوت پراپتي روپي پرم سِڌيءَ کي ئي پراپت ڪري ٿو. هاڻي توکي گيان مارگہ سنو لڳي يا نشڪام ڪرم مارگہ. ٻنهي ۾ ڪرم تہ ڪرڻو ئي پوندو.

گهڻو ڪري ان جڳهہ تي، انهي حالت ۾ ماڻهو ڀڳوت جي راهہ ۾ مختصر مارگہ ۽ بچاءُ ڳولڻ لڳن ٿا. ’ڪرم شروع ئي نہ ڪن، ٿي ويا نشڪامي‘ مٿان اهڙي ڀُل نہ رهجي وڃي، اهڙي چوڪ نہ ٿي وڃي، تنهنڪري شري ڪرشن چئي ٿا ڏين تہ ڪرم شروع نہ ڪرڻ سان ڪير نشڪرم ڀاوَ کي نٿو

پراپت ٿئي. شڀ اشڀ ڪرمن جو جتي اَنتُ آهي، پرم نشڪرمتا جي اُن استتي کي ڪرم ڪري ئي پائي ٿو سگهجي. ان طرح گهٽيئي ماڻهو چوندا آهن 'اسين ته گيان مارگي آهيون، گيان مارگ ۾ ڪرم آهيئي ڪونه.' ائين مڃي ڪرمن کي تياڳ ڪرڻ وارو گياني نٿو ٿئي. شروع ٿيل ڪِريا کي تياڳڻ سان ڪوئي ڀڳوت ساڪيات روپي پرم سِڌي کي نٿو پراپت ٿئي. چاڪاڻ ته:-

न हि कश्चित्क्षणमपि जातु तिष्ठत्यकर्मकृत्।
कार्यते ह्यवशः कर्म सर्वः प्रकृतिजैर्गुणैः॥५॥

'نَه هي ڪَشِچِتڪشڻ مَپي جاتوُ تِشٺَتيڪَرمَ ڪرِت
ڪارِيَتي هِيوشَه ڪَرمَ سَروَه پرِڪرتيرِ جَئيرِ گُڻَئيه ' (۵)

ڪوبه پرش ڪنهن وقت ۾ ڪن پر لاءِ بنا ڪرم نٿو رهي، چاڪاڻ ته پرش پرڪرتي مان پيدا ٿيل گڻن دواران مجبور ٿي ڪرم ڪن ٿا. پرڪرتي ۽ پرڪرتي مان اُتپن ٿيل گڻ جيسين جيئرا آهن، تيستائين ڪوبه پرش ڪرم ڪرڻ بنا رهي نٿو سگهي.

اڌياءِ چوٿين جي ٽيٽيهين سلوڪ ۾ شري ڪرشن چون ٿا ته پاون ماتر ڪرم گيان ۾ سماپت ٿي وڃن ٿا، گيان روپي اگني سمپورڻ ڪرمن کي ڀسم ڪري ڇڏيندي آهي. هتي هوُ چون ٿا ته ڪرم ڪرڻ بنا ڪوئي رهيئي نٿو. آخر ۾ اُهي مهاپرش چون ڇا ٿا؟ هننجو اِهو خيال آهي ته ڀگيه ڪندي ڪندي ٽنهي گڻن کان جدا ٿيڻ سان من جي لين ٿيڻ ۽ ساڪياتڪار سان گڏ ڀگيه جو نتيجو نڪرڻ تي ڪرم خلاص ٿي وڃن ٿا. انهي نرڌارتا ڪريا جي پورڻتا کان پهرين ڪرم مٽجن نٿا، پرڪرتي پيڇو نٿي ڇڏي.

कर्मेन्द्रियाणि संयम्य य आस्ते मनसा स्मरन्।
इन्द्रियार्थान्विमूढात्मा मिथ्याचारः स उच्यते ।।६।।

’ڪرميندِرياڻِي سنَيَمِيَہ يَہ آسِتي مَنَسا سِمرنِ
اندِريار ٿانِومُوَ ڍاتما مِٿِيا چارهَہ سَ اُچِيَتي (٦)

ايتري هونديءَ بہ مها موڙهل ماڻهو، جيڪي ڪرم اندرين کي هٺ سان روڪي اندرين جي ڀوڳن جو من سان سمرن ڪن ٿا اُهي پاکنڊي آهن، ڪوڙا آهن، نہ گياني. ان مان سِڌ ٿيو تہ ڪرشن جي وقت ۾ بہ اهڙيون روڙهيون ۽ رسمون هيون. لوڪ ڪرڻ جهڙن ڪمن کي ڇڏي اندرين کي هٺ سان روڪي ويهي رهندا هئا ۽ چوندا هئا تہ مان گياني آهيان، پورڻ آهيان. پر شري ڪرشن چون ٿا تہ هو ظالم آهن. گيان مارڳ ۾ سنو لڳي يا نشڪام ڪرم يوڳہ، ٻنهي مارڳن، راهن تي ڪرم تہ ڪرڻو ئي پوندو.

यस्त्विन्द्रियाणि मनसा नियम्यारभतेऽर्जुन।
कर्मेन्द्रियैः कर्मयोगमसक्तः स विशिष्यते ।।७।।

’يَسِتوَندِرياڻِي مَنَسا نِيَمِيارِيتي رِجُنَ
ڪرميندِرِيَيهَہ ڪَرِميوڳَمَسَڪِتَهَہ سَ وِشِشِيتي (٧)

ارجن! جو پرش من سان اندرين کي وس ۾ ڪري، جڏهن من ۾ بہ واسنائن جي ڏک ڏک، ڇُرڻ ڏکڻ نہ هجي، سيني پاسي اناسڪت، بنا موهہ ڪرم اندرين سان ڪرم يوڳہ جو وهنوار ڪندو آهي، اُهو سريشٽ آهي. ٺيڪ آهي سمجهہ ۾ آيو تہ ڪرم جو آچرڻ ڪن، پر هي سوال ڪڙو ٿي ٿو وجي تہ ڪهڙا ڪرم ڪن؟ ان تي چون ٿا:-

नियतं कुरु कर्म त्वं ज्यायो ह्यकर्मणः।
शरीरयात्रापि च ते न प्रसिद्धयेदकर्मणः ।।८।।

’نِيَتَمِ ڪُرو ڪَرِم تُوَمِ جِيايو هِيَڪَرِمَڻَهَہ

شَرير ياتِراپِي ڇَ تي نَہ پرَ سِڌِيد ڪَرمَڻَم (٨)

ارجن! تون جيڪي مقيل ڪرم آهن سي ڪر مطلب تہ ڪرم تہ گهٽائي آهن، اُنهن مان ڪوئي هڪ چونڊيل، اُهو نيڪ ڪرم ڪر. ڪرم نہ ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ ڪرم ڪرڻ ئي سريشٽ آهي، ان لاءِ تہ جي ڪندو رهندين، ٿورو اڳيان وڌي سگهندين، تہ جيئن اڳ ۾ ٻڌايو اٿم. مهان جنم مرڻ جي ڊپ کان اُڌار ڪرڻ وارو آهي، ان ڪري سريشٽ آهن. ڪرم نہ ڪرڻ سان تنهنجي شرير ياترا مانش جنم جي ٻہ سِڌي نہ ٿيندي. شرير ياترا جو مطلب لوڪ چوندا آهن. 'شرير جو ڳذران! ڪهڙو شرير جو گذران؟ ڇا توهين شرير آهيو؟ هيءُ پرش جنم جنمانترن کان، يگہ يگانترن کان شريرن جي ياترا ئي تہ ڪندو آيو آهي. جيئن وستر پراڻو ٿيو تہ ٻيو ٿيون ڌارڻ ڪيو، ان پرڪار ڪينئي پتنگہ کان ماڻهوءَ تائين، برهما کان وٺي اڄ تائين جڳت بدلجندڙ آهي. اوچ نيچ جوڻين ۾ برابر هيءُ جيوُ شريرن جي ياترا ڪري رهيو آهي. ڪرم ڪا اهڙي وستو آهي جو هن ياترا کي سڦل ڪري ڇڏيندي آهي، پورڻ ڪري ڇڏيندي آهي. سمجهہ ڪٽي، هڪ ئي جنم ونڌو پوي تہ ياترا جاري آهي، هاڻي تہ راهگير هلي ئي رهيو آهي. هو ٻين شريرن جي ياترا ڪري رهيو آهي. ياترا پوري تڏهن ٿيندي آهي جڏهن واسنائن جي پوري ٿيڻ جو وقت اچي. پرماتما ۾ استٿي پائڻ کانپوءِ هن آتما کي شريرن جي ياترا نٿي ڪرڻي پوي مطلب سرير تياڳڻ ۽ ڌارڻ جو سلسلو ختم ٿي ٿو وڃي. هاڻي ڪرم ڪا اهڙي وستو آهي جو هن پرش کي وري شريرن جي ياترا نٿي ڪرڻي پوي. 'موڪشيسي شُڀاتِ' (گيتا ۴-١٦) ارجن! هن ڪرم کي ڪري تون سنسار ٻنڌن 'اشڀ' کان ڇٽي ويندين. ڪرم ڪا اهڙي چيز آهي جو سنسار- ٻنڌن کان مڪتي ٿو

ڏياري. هاڻي سوال ٿو اُٿي ته هيءُ مچيل ڪرم آهي ڇا؟ ان تي چون ٿا-

यज्ञार्थात्कर्मणोऽन्यत्र लोकोऽयं कर्मबन्धनः।
तदर्थं कर्म कौन्तेय मुक्तसङ्गः समाचर॥९॥

'يگيارِٿا تِڪَرِمَڻونِيَتِرَ لوڪو يَمِ ڪَرِمَبَنڌنَهه
تَدَرِٿَمِ ڪَرِمَ ڪؤنتيه مُڪِتَسَنگَهه سماچار (٩)

ارجن! يگيه جي ڪم ۾ رَتو رهڻ ئي ڪرم آهي. اها حرڪت ڪرم آهي، جنهن سان يگيه پورو ٿئي. صاف آهي، ظاهر آهي ته ڪرم هڪ مچيل پِرَڪريا آهي. ان ڪانسواءِ جي بيا ڪرم ٿين ٿا ڇا اُهي ڪرم ڪونهن؟ شري ڪرشن چون ٿا- نه اُهي ڪرم نه آهن 'اَنِيتِرَ لوڪو يَمِ ڪَرِمَ بَنڌَنَهه' هن يگيه جي ڪرم ڪرڻ ڪانسواءِ دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ڪيو ٿو وڃي، سڄو جڳت جنهن ۾ رات ڏينهن رُڌل آهي، اهو هن لوڪ جو هڪ ٻنڌن آهي، نه ڪو ڪرم. ڪرم ته 'موڪِشيَسي شُڀاتِ' اشڀ معنيٰ سنسار ٻنڌن ڪان ڇوٽڪارو ڏيارڻ وارو آهي. صرف يگيه جي پِرَڪِريا ئي ڪرم آهي. اها حرڪت ڪرم آهي. جنهن سان يگيه پورو ٿئي ٿو. هاڻي ارجن! ان يگيه جي پورتيءَ لاءِ سنگه دوش- لڳاءَ جي دوش ڪان الڳ رهي چڱيءَ طرح ڪرم جو آچرڻ ڪر. سنگه- دوش ڪان الڳ ٿيڻ بنا هيءُ ڪرم ٿيندو ئي ڪونه.

اسين هاڻي سمجهي وياسين ته يگيه جي پِرَڪريائي ڪرم آهي، پر هتي وري هڪ نئون سوال اُٿڻ ٿي ويو ته هيءُ يگيه ڇا آهي ۽ ڪيئن ڪيو وڃي؟ ان ڪري پهرين يگيه جي باري ۾ نه ٻڌائي شري ڪرشن ٻڌائين ٿا ته يگيه آيو ڪٿان؟ هو ڏئي ڇاٿو؟ اُنجون خاصيتن تي روشني وڌي ۽ ڇوٽين

اڌياءَ ۾ وچي صاف ظاهر ڪيو تہ يگيہ ڇا آهي، جنهن ڪي اسين ڪاريہ جو روپ ڏيون ۽ آسان ڪان ڪرم ٿيڻ لڳي. يوگ يشور شري ڪرشن جي ٻڌائڻ جي ڍنگہ مان ظاهر آهي تہ جنهن وستو جو چترڻ ڪرڻو آهي، هو پهرين اُنجي خاص ڳالهين جو چترڻ ڪن ٿا جيئن شرڌا جاڳرت ٿئي. تنهن ڪانپوءِ اُنهن ۾ ورتل ساوڌانين تي روشني وجهن ٿا ۽ انت ۾ مکيہ سڌانت صاف ظاهر ڪري ٻڌائين ٿا.

ياد رهي تہ هتي شري ڪرشن ڪرم جي ٻئي پهلو تي روشني وڌي آهي تہ ڪرم هڪ مخصوص ڪِريا آهي. جو ڪجهہ ڪيو وڃي ٿو، اُهو ڪرم نہ آهي.

اڌياءَ ٻئين ۾ پهريون دفعو ڪرم جو نالو ورتائين، اُنجي خاصيتن تي زور ڏنو، هن ۾ وننڌڙ ساوڌانين تي پرڪاش وڌو، پر اهو نہ ٻڌايو ڪرم ڇا آهي؟ هتي اڌياءَ ٽئين ۾ ٻڌايو تہ ڪير بہ ڪرم ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي. پرڪرتي جي آسرو وٺي منش ڪرم ڪري ٿو. اُنجي باوجود بہ جي لوڪ اندرين کي هٺ سان روڪي من سان وشين جو چنتن ڪن ٿا، اُهي ڪپٽي، پاکنڊي ۽ ضدي آهن. ڪپٽ جو آچرڻ ڪرڻ وارا آهن. ان ڪري ارجن! من مان اندرين کي سميٽي تون ڪرم ڪر پر سوال جيئن جو تيئن آهي تہ ڪهڙو ڪرم ڪيون؟ ان تي يوگيشور شري ڪرشن چيو- ارجن! تون نرڌارت معنيٰ مخصوص ڪرم ڪر. هاڻي سوال ٿو اُٿي تہ نرڌارت ڪرم ڇا آهن؟ جنکي اَسين ڪريون. تڏهن ٻڌايائون تہ يگيہ کي ڪاريہ جو روپ ڏيڻ ڪرم آهي. هاڻي سوال اُٿي ٿو تہ اِهو يگيہ ڇا آهي؟ هتي يگيہ جي اُتپتي، خاصيت ٻڌائي شانت ٿي ويندا ۽ اڌياءَ چوٿين ۾ يگيہ جو نکريل روپ ملندو، جيڪو ڪرڻ ڪرم آهي.

ڪرم جي هيءَ پريڀاشا گيتا کي سمجهڻ جي ڪنجي آهي. يگيہ ڪانسواءِ دنيا ۾ لوڪ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندا ئي رهن ٿا. ڪير ڪيتي ٿو ڪري، تہ ڪوئي واپار. ڪير مٽي وينو آهي تہ ڪوئي شيوڪ. ڪوئي پنهنجي ٻُڌي جي باري ۾ ٿو چوي تہ ڪوئي محنت جي واڪاڻ ٿو ڪري. ڪوئي سماج شيوا کي ڪرم ٿو مڃي تہ دير ديش شيوا کي ۽ انهن ڪرمن ۾ لڳي لوڪ سڪام ۽ نشڪام ڪرم جي ڀومڪا بہ ٺاهي وٺندا آهن. پر شري ڪرشن چون ٿا، تہ اهي ڪرم ڪونہ آهن. ’اِنيَترَ لوڪويَمِ ڪرمبنڌنَهہ‘ يگيہ جي پرڪريا ڪانسواءِ جو ڪجهہ ڀي ڪيو وڃي ٿو، اُها هن لوڪ جا ٻنڌن وارا ڪرم آهن، نہ ڪِ موڪش ڏيڻ وارا ڪرم. حقيقت ۾ يگيہ جي چاڻ ئي ڪرم آهي. هاڻي يگيہ نہ ٻڌائي ڀهرين اهو ٿا ٻڌائين تہ يگيہ آيو ڪٿان؟

सहयज्ञा: प्रजा: सृष्ट्वा पुरोवाच प्रजापति: ।
अनेन प्रसविष्यध्वमेष वोऽस्त्विष्टकामधुक् ।।१०।।

سَهيَگِياهہ پرِجاهہ سِرشٽوا پُروواچ پرِجاپتيِهہ
اَنينَ پرَ سَوِشيہ ڌِوَميش وو اِستِوَ شٽڪامَڌُڪ (١٠)

پرجاپتي برهما ڪلپ جي شروعات ۾ يگيہ سان گڏ پرجا کي رچي چيو تہ هن دواران واڌاري کي پراپت ٿيو. هيءُ يگيہ توهان ماڻهن جي ’اِشَت ڪامَ ڌُڪِ‘ جنهن ۾ توهانجي اڇا نہ هجي، وناش رهت اشت- سنبنڌي ڪامنا جي پورتي ڪندو. يگيہ سان گڏ پرجا کي ڪنهن رچيو؟ پرجاپتي برهما. برهما ڪير؟ چا چئن مُکن وارو ۽ اٺن اکين وارو ديوتا، جيئن تہ مشهور آهي؟ نہ، شري ڪرشن انوسار ديوتا نالي جي ڪا الڳہ شڪتي ئي ڪونهي، پوءِ پرجاپتي ڪير آهي؟ حقيقت ۾ پرجا جو بنيادي پيدا ڪندڙ پرماتما ۾ پرويش پاتو آهي، اُهو مهاپرش پرجاپتي آهي. ٻُڌي ئي برهما آهي. ’اَهنڪار

شِوَ بُڌِي اَج، مَنَ شَشِيِ چِتَ مهان.' رام چرت مانس ٦-١٥-ڪ. اُن وقت بُڌِي هٿيار وانگر ٿيندي هئي. اُن پرش جي واٽيءَ ۾ پرماتما ئي ٻوليندو هو.

ڀڄن جي حقيقي ڪِرِيا شروع ٿيڻ تي ٻُڌيءَ جو ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو ويو شروعات ۾ اها ٻُڌِي برهم وديا سان مليل هئڻ ڪري 'بِرَهِمِ وِت' چئي ويندي هئي. گهٽن وڪارن کي ظابطو هئڻ تي برهم وديا ۾ سريشٽ هئڻ تي 'برهم وِدِور' چئي ويندي هئي. اوچي ۽ سوکيم هئڻ تي ٻُڌيءَ جي اوسٿا ٿڙيل ٿي ويندي آهي. اُها 'برهم وِڌرييان' چوائيندي آهي. اُن اوسٿا ۾ برهم وِدويتا پرش بين کي ٻه اوچي مارگ تي آڻڻ جو اڌڪار پراپت ڪري وٺندو آهي. ٻُڌيءَ جي اوچائي آهي. 'برهم وِدِوَرِشٽ' معنيٰ برهم وِت جي هيءَ اوسٿا جنهن ۾ اشٽ ڌارا آهي. اهڙي اسٿتي وارا مهاپرش پرجا جي مول شڪتي پرماتما ۾ سمايل ۽ اسٿت رهن ٿا. اهڙن مهاپرشن جي ٻُڌي هڪ هٿيار آهي. اُهي ئي پرجاپتي چوائين ٿا. اهي پرڪرتي جي جهڳڙي جو ڇيد ڪري 'آرڌنا ڪِرِيا' جي رچنا ڪن ٿا. يگيه جي شڌ سنسڪارن جو ڏيڻ ئي پرجا جي رچنا آهي. ان ۾ سڄو سماج اڇيت بنا بندوبست رهي ٿو. سرشٽي انادي آهي. سنسڪار ڦرين ئي آهن پر بگڙيل منجهيل يگيه جي شڌتا سان ٺاهڻ ئي رچنا يا سينگارڻ آهي. اهڙا مهاپرش ڪلپ جي شروعات ۾ يگيه سان گڏ پرجا جي رچنا ڪئي-ڪلپ نروگي بڻائي ٿو. سياڻا حڪيم به ڪلپ ڏيندو آهي، ڪوئي ڪايا ڪلپ ڪندو آهي. هيءُ ڪڻ ڀنگر شريرن جو ڪلپ آهي. حقيقت ۾ ڪلپ تڏهن آهي جڏهن ڀوساگر جي ترڻ ڪان مڪتي ملي وڃي. آرڌنا جو آرنڀ هن ڪلپ جي شروعات ۾ يگيه سان گڏ سنسڪارن کي ڪنو ڪيو ۽ چيو ته هن يگيه سان

تون ٻڌي حاصل ڪر. ڪهڙي ٻڌي؟ ڇا مڪان ڪچي مان پڪو ٿي وڃي؟ ڪمائي وڌيڪ ٿئي؟ نہ يگيہ ”اشٽ ڪام ڌُڪِ“ اشٽ سنبڌي ڪامنا جي پورتي ڪندو. اشٽ آهي پرماتما. اُن پرماتما سنبنڌي ڪامناجي پورتي ڪندو. اشٽ آهي پرماتما. اُن پرماتما سنبنڌي ڪامنا جي پورتيءَ وارو آهي. سوال سپاويڪ آهي تہ يگيہ سڌو اُن پرماتما جي پراپتي ڪرائيندو يا ڏاڪو ڏاڪو چڙهي؟

देवान्भावयतानेन ते देवा भावयन्तु वः ।
परस्परं भावयन्तः श्रेयः परमवाप्स्यथ ।।११।।

”ديوانِڀايتانينَ تي ديوا ڀاوَينتو وَهہ
پَرِسپَرَمِ ڀاوَيَنِتَهہ شِريئَهہ پرمَواپِسيَٿ ٬ (١١)

هن يگيہ دواران ديوتائن جي اُنتي ڪيو معنيٰ دَئِوي سمپد جي واڌارو ڪيو. هو ديوتا لوڪ توهانجي اُنتي ڪندا. ان طرح پاڻ ۾ واڌارو ڪندي پرم شِرييہَ، جنهن ڪان پوءِ ڪجهہ پائڻ لاءِ باقي نٿو رهي، اهڙي پرم ڪلياڻ کي پراپت ٿي وڃو. جيئن جيئن اسين يگيہ ۾ پرويش ڪنداسين (اڳيان يگيہ جو ارٿ ٿيندو، آرڌنا جي وِڌي (طريقو) تيئن تيئن هردي ديش ۾ دئوي سمپد پيدا ٿيندي ويندي. پرم ديو هڪ ئي پرماتما آهي، ان پرم ديو ۾ داخلا ڏيڻ واري جا سمپتي آهي، انتهڪرڻ جي جو سڄاتييہَ پرورتي آهي اُن کي ئي دَئوي سمپد چوندا آهن. اها پرم ديو کي ممڪن ڪري ٿي، ملائي ٿي ان ڪري دَئوي سمپد چئي ويندي آهي، نہ وري باهرين ديوتا-پٿر-پاڻي جيئن لوڪ ڪلپنا ڪن ٿا. يوگيشور شري ڪرشن چون ٿا.

इष्टान्भोगान्हि वो देवा दास्यन्ते यज्ञभाविताः ।
तैर्दत्तानप्रदायैभ्यो यो भुङ्क्ते स्तेन एक सः ।।१२।।

”اِشٽانڀوڳانِهَه ديوا داسِيَنِتي يڳيڀاوِتاهه
تَدَتَئيرِتانَپرَدايئيڀيو يو ڀُڳِڪتي سِتيِنَ ايوَ سَهَه (١٢)

يڳيه دواران سنڀاليندڙ ديوتا (دَئوي سمپد) توهانکي ”اِشٽانِ ڀوڳانِ هي داسينتي “ اشت معنيٰ آرڏنا سنبنڌي سامگري ڏيندو، ٻيو ڪجهه به نه ”تَئيهه دَتانِ“ هو ئي هڪ ڏيڻ وارو آهي. اشت کي پائڻ جو ٻيو ڪوئي اُپاءُ ڪونهي. انهن دَئوي گڻن کي وڌائڻ بنا جو هن اسٿتي جو ڀوڳ ڪريٿو اُهو پڪ ئي چور آهي. جڏهن هن پاتو ئي ڪونهي ته ڀوڳيندو ڇا؟ پر ڇوي ضرور ٿو ته مان پورڻ آهيان، تَتوَ درشي آهيان. اهڙي ڍينگ مارڻ وارو هن راهه تي منهن لڪائڻ وارو آهي. هو پڪ ئي چور آهي، نه پراپت ڪرڻ وارو. پر پائڻ وارا ڇا پائين ٿا؟

यज्ञशिष्टाशिन: सन्तो मुच्यन्ते सर्वकिल्बिषै: ।
भुञ्जते त्वघं पापा ये पचन्त्यात्मकारणात् ।।१३।।

”يَڳيشِشٽاشِنَهَه سَنِتو مُچِينِتي سَروَڪِلِبشئيهَه
ڀُجَنِتي تي تِوَگهمِ پاپايي پچِنتِياتِمَڪارَڻاتِ “ (١٣)

يڳيه مان بچيل ان کي کائڻ وارا سنت جَنَ سڀني پاپن کان مڪت ٿي ويندا آهن. دَئوي سَمپد وڌائيندي وڌائيندي ڦل ۾ پراپتي ڪال ئي پورتي ڪال آهي. جڏهن گيان پورڻ ٿي ويو، ته باقي بچيل اَنُ ئي برهما آهي. ان کي شري ڪرشن ٻين لفظن ۾ چيو ”يڳيَشِشٽامِرت ڀُنجو يانِتي بِرَهمَ سناتَنمِ“ يڳيه جنهنجي سرشٽي ڪري ٿو اُن پرساد کاڌي کي کائڻ وارو برهم ۾ نواس ڪري ٿو. هتي هو چون ٿا ته يڳيه جي بچيل، پرساد کاڌي کي (برهم امرت کي) پيئڻ وارو سڀني پاپن کان ڇوٽڪارو پائي ٿو. سنت جَنَ ته ڇٽي

وڃن ٿا. پر پاپي ماڻهو موهہ ڪان اُتپن ٿيل شريرن جي لاءِ پچن ٿا. هو پاپ ٿا ڪائين. اُنهن پچن بہ ڪيو، آراڌنا ڪي سمجهيو، وڌا مدبر بہ ٿيا، پر موت ۾ هڪ مني چاهہ پيدا ٿي ويئي تہ ”آتم ڪارِٽاتِ“ شرير جي لاءِ ۽ شرير جي سنبنڌين لاءِ ڪجهہ ملي. هن ڪي ملي تہ ويندو، ايترن پوڳ ن ڪان پوءِ هو پاڻکي اُتي ئي بينل ڏسندو، جتان هلڻ شروع ڪيو هئائين. ان ڪان وڌيڪ ٻيو نقصان کهڙو ٿيندو؟ جڏهن شرير ئي ناسونت آهي، تہ اُنجي سکہ - پوڳہ ڪيستائين سات ڏيندا. هو آراڌنا تہ ڪن ٿا، موت ۾ پاپ ئي ڪائين ٿا. ’پلٽ سڌا تي سَتَ وِش ليهہءَ‘ هي نشت تہ ڪونہ ٿيندو پر اڳيان نہ وڌندو. ان ڪري شري ڪرشن نشڪام ڀاوَ سان ڪرم (يڄن) ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو. هيل تائين شري ڪرشن ٻڌايو تہ يگيہ پرم پد ڏئي ٿو ۽ اُنجي رچنا مهاپرش دوارا ن ٿئي ٿي، پر اُهي مهاپرش پرجا جي رچنا ۾ ڇو پرورت ٿين ٿا؟ ان تي چون ٿا -

अन्नाद्भवन्ति भूतानि पर्जन्यादन्नसम्भवः।
यज्ञाद्भवन्ति पर्जन्यो यज्ञः कर्मसमुद्भवः ।।१४।।
कर्मद्भवति विद्धि ब्रह्माक्षरसमुद्भवम्।
तस्मात्सर्वगतं ब्रह्म नित्यं यज्ञे प्रतिष्ठितम्।।१५।।

”اَنادِ ڀَوَنتي ڀوُتاني پَرِجنيادَنِنسمڀَوَهہ
يَگيادِ ڀَوَتي پَسرِجَنيو يَگيَهہ ڪَرمَ سَمُدِ ڀَوَهہ “ (١۴)
”ڪَرمَ بِرَهمودِ ڀَوَمِ وِڌِ بِرِهماڪِشر سَمُدِ ڀَوَمِ
تَسماتِسَرِوَ گَتَمِ بِرِهَمَ نِتِيَمِ يَگيي پِرَتيشِٽِتَمِ (١۵)

سڀ پراڻي اَن مان اتپن ٿين ٿا. ”اننمِ برهميتي وِيَجاناتِ ا (تَئي اُپ ٢-١)اَنُ پرماتما ئي آهي. اُن برهم امرت کي ئي اُديش بڻائي پراڻي يگيہ ڌانهن اگرسر ٿيندو

آهي. اَن جي اُتپتي برسات مان ٿئي ٿي. بادلن مان ٿيڻ واري برسات ناهي. بنا پتا جي برسات اڳيان ڪنا ٿيل يڳيه ڪرم ئي هن جنم ۾ جتان ساڌن ڇتو هو، اُتان ئي پرماتما جي روپ ۾ وسي پوندو آهي. اڄ جي آراڌنا سياڻي ڪرپا جي روپ ۾ ملندي. ان ڪري برسات يڳيه سان ٿئي ٿي، سواها چوڻ سان تِرَجو جلائڻ سان ئي برسات پوي ٿي ته سنسار جا گهڻو ڪري مَروُيومي سڪل چو ٿيون رهن؟ پلي زمين ٻڏجي پوي هتي ڪرپا ورشتي يڳيه جي دين آهي. هي يڳيه ڪرمن مان ئي اُتپن ٿيڻ وارا آهن. ڪَرم سان يڳيه پورڻ ٿيندو آهي. اُنهي ڪرم کي ويد مان پيدا ٿيل جاڻ. ويد برهم ۾ اسٿت ٿيل مهاپرشن جي واڻي آهي. جيڪي تَتوَ وِدت ڪونه آهن اُنجي ظاهر انيوتي جو نالو ويد آهي، نه ڪِ ڪجهه شلوڪ سنگرهه ويد اوناشي پرماتما مان اُتپن ٿيل سمجهه. ڇيا ته مهاتما ئن آهن، پر اُهي پرماتما سان هڪ روپ ٿي چڪا آهن، اُنهن جي ذريعي اوناشي پرماتما ئي ٻولي ٿو تنهنڪري اوناشي پرماتما مان اُتپن ٿيا تنهنڪري ويد اپئورشيه چيا ويندا آهن. مهاپرشن ويد ڪٿان پاتا؟ ته ويد اوناشي پرماتما مان اُتپن ٿيا. هو مهاپرش هن سان ملي هڪ ٿي ويا آهن، هو صرف هٿيار آهن ان ڪري اُنهن جي دوارن هو ئي ٻولين ٿا. چو ته يڳيه جي دواران من جي نه هئڻ وقت ۾ هو ظاهر ٿين ٿا. ان ۾ سروَياپي پرم اڪشر پرماتما سدائين يڳيه ۾ ئي سنمانت آهي. يڳيه ئي اُن کي پائڻ جو هڪ ماتر اُپاءُ آهي. ان تي زور ڏين ٿا.

एवं प्रवर्तितं चक्रं नानुवर्तयतीह य: ।
अघायुरिन्द्रियारामो मोघं पार्थ स जीवति ।।१६।।

’’ايوَ پِرَورتِتَمَ چَڪرَمِ نانوُ وَرتَيَتيِهَه يَهه

اَگھايَرِندِريا رامو موگھم پارٿَ سَ جيوتِ (١٦)

هي پارٿ! جو پرش هن لوڪ ۾ منش شرير پراپت ڪري هن طرح جي هلايل ساڌن چڪر جي انوسار نٿو هلت ڪري مطلب ڌَئوي سَمپدِ جو اُتساهي، ديوتائن جي واڌ ۽ هڪ ٻئي ۾ واڌاري جي ڌئاران اڪشيه ڌام کي پراپت ڪرڻ، هن سلسلي جي انوسار جيڪو نٿو هلي، اندرين جو آزام چاهڻ وارو اَهو ”پاپايوُ پرش“ جو جيئڻ اجايو آهي.

پائرو! يوگيشور شري ڪرشن ٻئين اڌياءَ ۾ ٻن ڪرمن جو نالو کنيو آهي ۽ هن اڌياءَ ۾ ٻڌايو ته نيم سان ٻڌل ڪرم جو آچرڻ ڪر. يگيه جي پِرَڪريا ئي ڪرم آهي. ان کان سواءِ جيڪو ڪجهه ڪيو ٿو وڃي اُهو هن لوڪ جو ٻنڌن آهي. ان ڪري سنگه دوش کان الڳ رهي اُن يگيه جي پورتيءَ لاءِ ڪرم جو وهنوار ڪر. هن يگيه جي خاص آدرشن تي روشني وڌي ۽ ٻڌايو ته يگيه جي اُتپتي برهما مان آهي. پرجا اَنَ کي اُديش ٻڌائي ان يگيه ۾ پرورت ٿيندي آهي، يگيه ڪرم مان ۽ ڪرم اپئورشِيهَ ويد مان اُتپن ٿين ٿا، جڏهن ته ويد منترن جي ڏسڻ وارا مهاپرش ئي هئا. اُنهن جو پرش لکي چڪو هو. پراپتيءَ سان گڏ اوناشي پرماتما ئي فقط بچيو هو تنهنڪري ويد پرماتما مان اُتپن ٿيل آهن. سَروَ وياپي پرماتما يگيه ۾ سدا پوڄيل آهي. ان ساڌن چڪرجي انوسار جيڪو نٿو ورتاءُ ڪري اُهو پاپي پرش اندرين جو سک چاهڻ وارو آهي، اجايو پيو جيئي. مطلب ته يگيه اهڙي خاص وڌي آهي، جنهن ۾ اندرين کي آرام ڪونهي. اڻ پڇو اڪشيه سک آهي اندرين جي روڪڻ سان گڏ ، اُن ۾ لڳائڻ جي ٻه ريت آهي، وڌان آهي. اندرين جو آرام چاهڻ وارو پاپ جو ڀاڱي آهي. هاڻي تائين شري ڪرشن ڪونه ٻڌايو آهي ته يگيه آهي ڇا؟

پر ڇا يڳيہ ڪندا ئي رهون يا ڪڏهن اُنجو انت بہ ٿيندو؟ ان تي يوگيشور چون ٿا:-

यस्त्वात्मरतिरेय स्यादात्मतृप्तश्च मानव: ।
आत्मन्येव च सन्तुष्टस्तस्य कार्यं न विद्यते ।।१७।।

”يَسِتواتِمَ رَتيرِيَيہَ سِياداتِمترَ پِتِشِچِ مانَوَهہ
آتِمَنِييوَ چَ سَنِتُشِٽِسِتَسِيَہ ڪارِيَمِ نَ وِدِيَتي (١٧)

پر جو منش آتما ۾ ئي رتل آتما ۾ ترپت ۽ آتما ۾ ئي سنتُشت آهي، اُن لاءِ ڪوبہ ڪَرتويہ نٿو رهي. اهوئي تہ لڪشيہ هو. جڏهن اڻ ڇاتل سناتن، اوناشي آتم تَتوَ پراپت ٿي ويو تہ اڳيان ڳولهيون ڪنهن کي ؟ اهڙي پرش لاءِ نہ ڪرم جي ضرورت آهي، نہ ڪنهن آرڏنا جي. ”آتما ۽ پرماتما ساڳيا آهن. ان جو وري چٽرڻ ڪن ٿا.“

नैव तस्य कृतेनार्थो नाकृतेनेह कश्चन ।
न चास्य सर्वभूतेषु कश्चिदर्थव्यपाश्रय: ।।१८।।

”نئِيوَ تَسِيہَڪِرتينارِٿو ناڪِرِ تينيهہ ڪَشِچِنِ
نہ چاسِيہ سَرِوَڀوتيشنوُ ڪَشِچِدرِٿوِيَپاشِرِيَهہ (١٨)

هن سنسار ۾ اُن پرش جو ڪرم ڪندي ڪو لاڀ نہ آهي نہ ڇڏڻ سان ڪو نقصان آهي، جڏهن تہ ڀرين ضروري هو. هنجو سيني پراڻين ۾ ڪو بہ سوارٿ سنبنڌ نٿو رهي. آتما ئي تہ پوتر، سناتن، اويڪت، اپرورتنشيل، نہ بدلجندڙ ۽ اڪشيہ آهي. جڏهن اُنکي پائي ورتو، اُن سان سنتشت، ان سان ئي ترپت، اُن سان مليل ۽ استت آهي. اڳيان ڪجهہ شڪتي ئي ڪونهي، تہ ڪنهن کي ڳوليون؟ ملندو ڇا؟ ان پرش جي لاءِ ڪرم ڇڏڻ تي ڪابہ هاڃي نہ ٿيندي، ڇو جو وڪار جنهن تي ڇميل ٿيندا آهن، اُهو چِٽُ ئي نہ رهيو. اُن جو سيني پدارٿن

۾ ٻاهريون جڳت ۽ اندرين سنڪلپن جو ذري ماتر بہ ارٿ نٿو رهي. سڀ ڪان وڌو ارٿ تہ هو پرماتما. جڏهن اُهوئي ملي ويو ظاهر ٿي ويو، تہ ٻين سان اُنجو ڪهڙو پريوجن رهندو.

तस्मादसक्त: सततं कार्यं कर्म समाचार।
असक्तो ह्याचरन्कर्म परमाप्रोति पुरुष: ।।१९।।

”تِسماڌَسَڪتَہِ سَتَتَہِ ڪارِيَہِ ڪَرمَ سماچَرَ
اسَڪتو هِيا چرِنڪَرمَ پرماپنوتي پُرُشَهہ (١٩)

ان استٿتي کي پراپت ڪرڻ لاءِ تو بنا موهہ هميشهہ ”ڪاريہ ڪرم“ جو ڪرڻ يوڳہ آهي، ان ڪرم کي چڱيءَ طرح ڪر. ڇو تہ نرموهي پرش ڪرم جي آچرڻ سان پرماتما کي پراپت ٿيندو آهي. مقرر ڪرم ”ڪاريہ ڪرم“. هڪڙي ڳالهہ آهي ڪرم جي پريرڻا ڏيندي هو وري ڇون ٿا.

कर्मणैव हि संसिद्धिमास्थिता जनकादय: ।
लोकसङ्ग्रहमेवापि सम्पश्यन्कर्तुमर्हसि ।।२०।।

”ڪَرِ مڻئيوَ هي سنسڌيماسِٿِتا جنڪدايَهہ
لوڪَ سنگَرِهمي واپي سَمِپشِيَنِڪَرِتوُ مَرِهسي“ (٢٠)

جنڪ معنيٰ راجا جنڪ نہ آهي. جنڪ جنم داتا کي چوندا آهن. يوڳہ ئي جنڪ آهي جو توهانجي سروپ کي جنم ڏئي ٿو، ظاهر ڪري ٿو. يوڳہ سان گڏيل هرهڪ مهاپرش جنڪ آهي. اهڙا يوڳہ سنيڪت گهڻن ئي رشين ”جَنِڪا دَيَهہ“ جنڪ وغيره گياني مهاپرش بہ ”ڪَرِمڻا ايوَهي سَنِسڌِہِ“ ڪرمن جي دوارا ئي پرم سڌي کي پراپت ڪيائون. پرم سڌي معنيٰ پرم تَتِوَ پرماتما جي پراپتي، جنڪ وغيره جيترا بہ اڳ ۾ ٿيڻ وارا مهرشي ٿيا آهن، هن ’ڪاريہ ڪرم‘ جي دوارا، جا يگيہ جي پرڪريا آهي، هن ڪرم کي ڪري ئي ’سنسِڌِہِ‘ پرم سڌي پاتائون. پر پراپتيءَ

ڪان پوءِ اُهي به لوڪن جي ميڙ کي ڏسي ڪرم ڪندا آهن، ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪرم ڪندا آهن.هاڻي تون به پراپتيءَ لاءِ ۽ پراپتيءَ ڪان پوءِ لوڪ نائڪ بڻجڻ لاءِ ڪاريه ڪرم ڪرڻ جي ئي يوگيه آهين. ڇو؟

هاڻي شري ڪرشن چيو هو ته پراپتي ڪان پوءِ مهاپرش جو ڪرم ڪرڻ سان ڪوئي لاڀ نه آهي ۽ نه ڇڏڻ سان ڪا هاڃي آهي، پوءِ به لوڪن جو ميڙ لوڪن جي ڀلي جي ويوسٿا جي لاءِ هو چڱيءَ طرح مقرر ٿيل ڪرڻ جو ئي آچرڻ ڪن ٿا.

यद्यदाचरति श्रेष्ठस्तत्तदेवेतरो जनः।
स यत्प्रमाणं कुरुते लोकस्तदनुवर्तते ।।२१।।

” يدا تَدا چَرَتي شريشَٽَسِتَتَدِيويترو جَنَهه
سَ يَتِپِرَماڻَمِ ڪُروُتي لوڪ سِتَدَنوُ وَرِتَتي (٢١)

سريشٽ پرش جو جو آچرڻ، وهنوار ڪن ٿا، ٻيا پرش به اُنجي انوسار ئي ڪن ٿا. اَهو مهاپرش جو ڪجهه پرماڻ ڪري ڏئي ٿو، سنسار اُن موجب ئي ڪري ٿو. پهرين شري ڪرشن سُروپ ۾ استٿ، آتم تِرپت مهاپرش جي رهڻيءَ تي پرڪاش وڌو آهي ته هن جي لاءِ ڪرم ڪرڻ سان ڪوئي لاڀ نه ۽ ڇڏڻ سان ڪا هاڃي ٿئي ٿي، پوءِ به جنڪ وغيره ڪرم ۾ چڱي طرح ورتندا هئا. هتي اُنهن مهاپرشن سان شري ڪرشن آهستي سان پنهنجي ڀيٽ ڪندو آهي ته مان به هڪ مهاپرش آهيان.

न मे पार्थास्ति कर्तव्यं त्रिषु लोकेषु किञ्चन।
नानवाप्तमवाप्तव्यं वर्त एव च कर्मणि ।।२२।।

نَه مي پارِٿاسِتي ڪَرِتَويَم تِرِشوُلوڪيشوُڪِنِچَنَ
نانا واپِتَمَواپِتَوِيَمِ وَرِتَ ايوَ چَ ڪَرِمَڻي (٢٢)

هي پارٿ! مونکي ٽنهي لوڪن ۾ ڪو ڪرتويه ڪونه

آهي. پوءِ چوي ٿو، اُن مهاپرش جو سيني پدارٿن ۾ پراڻين لاءِ ڪو ڪرتويہ نہ آهي. هتي چون ٿا ٿنهي لوڪن ۾ مونکي ڪجهہ بہ ڪرتويہ باقي نہ آهي. جيتوڻيڪ ذري ماتر پراپت ٿيڻ يوڳيہ وستو اپراپيَہ نہ آهي، تڏهن بہ مان ڪرم ۾ چڱيءَ طرح ورتندو آهيان چو؟

यदि ह्यहं न वर्तेयं जातु कर्मण्यतन्द्रितः ।
मम वर्त्मानुवर्तन्ते मनुष्याः पार्थ सर्वशः ।।२३।।

”يَدي هِيَهَمِ نہ وَرتيئيَمِ جاتوُ ڪَرمَڻِيَتَندِرَ تَهہ
مَمَ ورتمانوُوَرِتَنتي مَنشُياهہ پارِٿ سَروَشَهہ (٢٣)

چو تہ جي مان ساوڌان ٿي جيڪڏهن ڪَرَمَ ۾ نہ ورتندس تہ منش منهنجي ورتاءُ جي انوسار ورتڻ لڳي ويندا. تہ توهانجو نالو بہ خراب ٿئي؟ شري ڪرشن چون ٿا - ها!

उत्सीदेयुरिमे लोका न कुर्यां कर्म चेदहम् ।
सङ्करस्य च कर्ता स्यामुपहन्यामिमाः प्रजाः ।।२४।।

”اُتِسيديئُرمِي لوڪا نہ ڪُرِيامِ ڪَرمَ چيدَهمِ
سَنڱَرَسيہَ چَ ڪَرِتا سِيامُپهَنِيامِماهہ پرَجاهہ (٢٤)

جيڪڏهن مان ساوڌان ٿي ڪرم نہ ڪريان تہ سڀ لوڪ پرشت ٿي ويندا ۽ مان ”سنڪَرَسيہَ“ورڻ سنڪر جو ڪرڻ وارو ٿيندس ۽ هن ساري پرجا جو مارڻ وارو ٿيندس، مارڻ وارو بڻجان.

سوروپ ۾ استٿ مهاپرش هوشيار، سجاڳ رهي جيڪڏهن آرڌنا جي سلسلي ۾ نہ لڳا رهن، تہ سماج اُن جو نقل ڪري برباد ٿي ويندي. مهاپرشن تہ آرڌنا پورڻ ڪري پرم نشڪرم جي استٿي کي پاتو آهي. هو نہ ڪن تہ انهن لاءِ ڪابہ هاڃي ڪونهي، پر سماج تہ هاڻي آرڌنا شروع نہ ڪئي آهي. پنيان رهندڙ ماڻهن لاءِ مهاپرش ڪرم ڪن ٿا. مان بہ ڪريان ٿو

مطلب تہ شري ڪرشن هڪ مهاپرش هو، نہ وئڪنٺ مان آيل خاص ڀڳوان. هنن چيو تہ مهاپرش لوڪ سنگرهہ لاءِ ڪرم ڪن ٿا، مان بہ ڪريان ٿو. جيڪڏهن سروپ استٿ مهاپرش ڪرم نہ ڪن تہ ڏسندي ڏسندي پنيان لوڳ بہ جلد ئي ڪرم ڇڏي ڏيندا. هنن کي بهانو ملي ويندو تہ هيءُ پڄن نٿا ڪن، پان ڪائين ٿا، معمولي ڳالهيون ڪن ٿا پوءِ بہ مهاپرش ٿا چوائين، ائين سوچي هو بہ آرڌنا کان هٽي ويندا آهن ، پتت ٿي ويندا آهن. شري ڪرشن چون ٿا تہ جيڪڏهن مان ڪرم نہ ڪريان، تہ سڀ پرشت ٿي وڃن ۽ مان ورڻ سنڪر جو ڪرتا بڻجان.

استرين جي خراب ٿيڻ سان ورڻ سنڪر تہ ڏٺو ٻڌو ويندو آهي. ارجن بہ انهي ڊپ کان وياڪل هو تہ استريون پتت ٿينديون تہ ورڻ سنڪر پيدا ٿيندا، پر شري ڪرشن چون ٿا جيڪڏهن مان ساوڌان ٿي آرڌنا ۾ لڳو نہ رهان تہ ورڻ سنڪر جو ڪرتا بڻجان؟ حقيقت ۾ آتما جو شڌ ورڻ پرماتما آهي. پنهنجي شڌ ۽ پوتر راهہ تان ڀٽڪي وڃڻ ورڻ سنڪرتا آهي. جيڪڏهن سروپ ۾ استٿ ٿيل مهاپرش ڪِريا، ڪرم ۾ نٿا ورتن تہ لوڪ اُنهنجو نقل ڪري ڪِريا رهت ٿي ويندا، آتم راهہ تان ڀٽڪي ويندا، ورڻ سنڪر ٿي ويندا. اُهي پرڪرتي ۾ گم ٿي ويندا.

استرين جي سَتيتِوَ ۽ ۽ نسل جي شڌتا هڪ سماجڪ ويوستا آهي. اڌڪارن جو سوال آهي، سماج جي لاءِ اُنجي ضرورت بہ آهي، پرماتا پتا جي پلن جو سنتان جي ساڌنا تي ڪوئي اثر نٿو پوي. ”آپَنِ ڪَرِني پارِ اُترني“ هنومان، وياس، وششت، نارد، شڪديو، ڪبير، ايسا وغيره مهان مهاپرش ٿيا، جيتوڻيڪ سماجڪ خرابين سان اُنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي. آتما پنهنجي اڳئين جنم جي گڻ ڌرم وٺي ايندو آهي.

شري ڪرشن چون ٿا ”مَنَھ ششٺاني اِندرياڻي پرڪتيھ ٿاني ڪرشتي“ (١١٥-٧) من سان گڏ اندرين سان جو ڪاريھ ھن جنم ۾ ٿئي ٿو، اُن جا سنسڪار ڪٺي جيو آتما پراڻي شرير کي تياڳي نئين شرير ۾ پرويش ڪري ٿي. ان ۾ جنم ڏاتائن جو ڇا لڳو؟ اُنھنجي وڪاس ۾ ڪو فرق نٿو پوي ھاڻي استرين جي خراب ٿيڻ سان ورڻ سنڪر نٿو ٿئي. استرين جو پتت ٿيڻ ۽ ورڻ سنڪر سان ڪوئي سنبنڌ ڪونھ آھي. شڌ سوروپ طرفان اتساھ نہ پائي پرڪرتيءَ ۾ بڪڙي وڃڻ ئي ورَڻ سنڪر آھي.

جيڪڏھن مھاپرش ساوڌان ٿي ڪريا (نيَت ڪرم) ۾ وَرتَنِ ڪرڻ وارن لوڪن ۾ ڪِريا نہ ڪرائين تہ اُھي ساري پرجا جو ناس ڪرڻ وارا، مارڻ وارا ليکبا ساڌنا ڪِرمَ ۾ ھلي اُن مول اوناشي جي پراپتي ئي جيون آھي. پرڪرتي بکيڙي رھڻ، پتڪي وڃڻ مرتيو آھي. پر اُھو مھاپرش ھن ساري پرجا کي جيڪڏھن ڪِريا پَت تي نٿو ھلائي، اُن ساري پرجا کي بکيڙڻ کان روڪي ستيھ پَتَ تي نٿو ھلائي تہ ھو سچي پرجا جو ناس ڪرڻ وارو ھتيارو آھي. ھِنسڪ آھي ۽ سلسليوار ھلندي جو ھلائي ٿو وڃي ھو شڌ اھنسڪ آھي. گيتا جي انوسار شرير جو موت، ناس ٿيڻ وارا شريرن جو موت پريورتن ماتر آھي. ھِنسا ناھي.

सक्ताः कर्मण्यविद्वांसो यथा कुर्वन्ति भारत ।
कुर्याद्विद्वांस्तभासक्तश्चिकीर्षुर्लोकसङ्ग्रहम् ।।२५।।

”سَڪتاھ ڪَرمَڻيوِدِ وانسو يٿا ڪُروَنِتي ڀارت
ڪُريا دِودِوَنتاِستٿا سَڪتَشِچڪيِر شوُرلوڪ سَنگِرھَمِ (٢٥)

ھي ڀارت! ڪرم ۾ آسڪت ٿيل اگياني ماڻھو جيئن ڪَرم ڪن ٿا، ائين ئي بنا موھ اناسڪت ودوان، پورڻ گ يانتا بہ لوڪ ھرديہ ۾ پريرڻا ۽ ڪلياڻ سنگرھ چاھيندي

ڪرم ڪري يگيہ جي وِڌِ ي ڄاڻندي ۽ ڪندي بہ اسين اگياني آهيون. گيان جو ارٿ آهي ساکيات جانڪاري جيستائين ٿورو بہ اسين الڳہ آهيون، آرڏيہ الڳہ آهي تيسيتائين اگيان ظاهر آهي. جيستائين اگيان آهي، تيسنائين ڪرم ۾ آسڪتي، موهہ رهي ٿو. اگياني جيتري آسڪتيءَ سان آراڌنا ڪري ٿو، ساڳئي پرڪار سان اناسڪت. جن ڪرمن ۾ پريوجن نہ آهي تہ آسڪتي ڇو ٿيندي، اهڙو پورڻ مهاپرش بہ لوڪن جي ڀلي لاءِ ڪرم ڪري ڏَئِوي سمپد جو اتساهہ رکي، جنهن سان سماج اُن تي هلي سگهي.

न बुद्धिभेदं जनयेदज्ञानां कर्मसङ्गिनाम्।
जोषयेत्सर्वकर्माणिविद्वान्युक्तः समाचरन्।।२६।।

”نہ بُڌيڀيدَمِ جَنَييدَگيانامِ ڪَرِمَسَنگِنامِ
جو شييتِسَرِوَ ڪَرِماڻي وِدِوانَيُڪِتَهَ سماچَرن (٢٦)

گياني پرشن ڪي ڪپي تہ ڪرم ۾ آسڪتي رکڻ وارن اگ يانين جي بُڌيءَ ۾ ڀرم پيدا نہ ڪري مطلب تہ سِوَروپ ۾ اسٿت مهاپرش ڌيان ڌين تہ اُنهن جي ڪنهن وهنوار سان پنيان وارن جي من ۾ ڪرم جي لاءِ اشرڌا نہ اُتپن ٿي وڃي. پرماتم تَتِوَ سان مليل مهاپرش کي بہ گهرجي تہ پاڻ چڱيءَ طرح نيمائيا ڪَرِم ڪندي هن کان بہ ڪرائي.

اهو ئي ڪارڻ هو تہ پوجيہ مهاراج جي ورڌ اوسٿا ۾ بہ رات جو ٢ بجي ئي اُٿي ويٺا ۽ کنگهڻ لڳا. ٽي بجي چوڻ لڳا، ”اُٿو متيءَ جا پتلا“ سڀ اُٿي چنتن ۾ لڳي وڃو، پاڻ ٿورو ليٽي پوي. ڪجهہ دير کان پوءِ وري اُٿي ويهي رهن. چون، ”توهين سمجهو ٿا تہ مهاراج سمهي پيو آهي؛ پر مان سمهان نٿو، سواس ۾ لڳل آهيان. ورڌ اوسٿا جو سرير آهي، وهڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي ان ڪري مان پيو هوندو آهيان.

توهان کي استر ۾ سڌو ويهي چنتن ڪرڻو آهي. جيستائين تيل ڌارا وانگر سواس جي ڌوري نه ٽٽي وڃي، سلسلو ٽٽي نه، ٻيا سنڪلپ وچ ۾ اتڪ اُٿپن نه ڪري سگهن تيستائين لاڳيتو لڳو رهڻ ساڌو جو ڌرم آهي. منهنجو سواس ته بانس جي لڪڙيءَ وانگر استر بيٺي آهي. اهوئي ڪارڻ آهي ته ششن ڪان ڪرائڻ لاءِ اُهو مهاپرش چڱيءَ طرح ڪرم ۾ ورتندو آهي. ”جنهن گڻ کي سيکاري، اُن کي ڪري ڏيکاري.“

اهڙيءَ طرح سوروپ ۾ استت مهاپرش کي به ڪپي ته پاڻ ڪرم ڪندي ساڌڪن ۾ به آراڌنا ۾ لڳائيندو رهي. ساڌڪ ته پورڻ شرڌا آرڌنا ۾ لڳي، پر پلي گيان يوگي هجي يا سمپورڻ ڀاوَ وارو نشڪام ڪرم يوگي هجي؛ ساڌڪ ۾ ساڌنا جو اهنڪار نه اچڻ گهرجي. ڪرم ڪنهنجي دوارا ٿين ٿا، هن جي هئڻ جو ڪارڻ ڪير آهي؟ ان تي شري ڪرشن روشني وجهن ٿا.

प्रकृतेः क्रियमाणानि गुणैः कर्माणि सर्वशः।
अहङ्कारविमूढात्मा कर्ताहमिति मन्यते।।२७।।

”پرَڪرِتي ڪرَيماڻاني گُڻُئوهه ڪرماڻي سَروَشَهه
اَهنڪارَ وِ موُڙهاتما ڪَرتاهَمِتي مَنيَتي (٢٧)

شروع ۾ پورتي پَرِينت ڪرم پرڪرتي جي گڻن دوارا ڪيا ويندا آهن پوءِ اهنڪار ڪان خاص موڙهه پرش ”مان ڪرتا آهيان“ ائين مڃين ٿا. اهو ڪيئن مڃجي ته آرڌنا پرڪرتيءَ جي گڻن دوارا ٿئي ٿي؟ اهڙو ڪهڙو ڏنو. ان تي چون ٿا.

तत्त्ववित्तु महाबाहो गुणकर्मविभागयोः।
गुणा गुणेशु वर्तन्त इति मत्वा न सज्जते।।२८।।

”تَتوَ وِتوُ مهاباهو گُڻڪَرمَوڀاگيوهه
گُڻا گُڻيشوُ وَرتَنت اتي مَتوا نه سڄتي “ (٢٨)

هي مهاباهو! گڻ ۽ ڪرم جي وڀاڳ کي تَتووِت پَرمَ تَتوَ پرماتما ڄاڻ رکندڙ مهاپرش ڏنو ۽ سمپورڻ گڻ، گڻن ۾ وَرتي رهيا آهن، ائين مڃي هوُ گڻ ۽ ڪرمن جي ڪرتاپڻي ۾ آسڪت نٿا ٿين.

هتي تَتوَ جو ارٿ پَرمِ تَتوَ پرماتما آهي نه پنج يا پنجويهه تَتوِ، جيئن ته لوڪ ڳڻين ٿا. يوگيشور ڪرشن جي شبدن ۾ تَتوَ هڪڙو ئي پرماتما آهي، ٻيو ڪو تَتوِ آهيئِي ڪونه. گڻن کي پار ڪري پرم تَتوِ پرماتما ۾ استٿ مهاپرش گڻ جي انوسار ڪرمن جو الڳپڻو ڏسي ٿا سگهن. تامسي گڻ رهندو ته اُنجو ڪم ٿيندو. آلس،ننڊ، چڪون، ڪرم ۾ پرورت نه هئڻ جو سڀاءُ. راجسي گڻ هوندو ته آرڏنا کان پنيان نه هٽڻ جو سڀاءُ، بهادري سوامي ڀاوُ سان ڪرم ٿيندو ۽ ساتوڪ گڻ ڪرم ڪرڻ وقت ڌيان، سماڌي، انيوي گيان ، ڌاراواهڪ چنتن، سرل سڀاءُ ۾ ٿيندو. گڻ بدلجندڙ آهن. انيوي گياني ئي ڏسي سگهندو آهي ته گڻن جي آڌار ڪرمن جو سنا ۽ خراب ٿيندا آهن. گڻ پنهنجو ڪم ڪري وٺندا آهن. مطلب ته گڻ گڻن ۾ ورتندا آهن. ائين سمجهي هو ظاهر ڏنل ڪم ۾ آسڪت نه ٿيندا آهن. پر جن گڻن جو پار نه پاتو آهي، جيڪي اڃا رستي ۾ آهن اُنهن کي ڪرمن ۾ آسڪت رهڻو آهي تنهنڪري :

प्रकृतेर्गुणसम्मूढा: सज्जन्ते गुणकर्मसु।
तानकृत्स्नविदो मन्दान्कृत्स्नविन्न विचालयेत्।।२९।।

”پرَڪرتيرگُڻَسمموُڙما سَڄنتي گُڻڪَرمَسوُ
تانڪرتِسنَوِدو مندانِڪرتِسنَوِن وِچالَيَتي (٢٩)

پرڪرتي جي گڻن سان موهت ٿيل پرش گڻ ۽ ڪرمن ۾ سلسليوار نرمل گڻن جي وڏيڪ اُنتي ڏسي اُن ۾ آسڪت ٿيندا آهن. اُنهن کي چڱي طرح نہ سمجهوار ”مَندانِ“ ڍلي طرح ڪوشش ڪسڻ کي چڱي عرح ڄاڻڻوارا گياني چلائمان نہ ڪن اُنهن کي بي همت نہ ڪن بلڪ اُتساهہ ڏين، ڇاڪاڻ تہ اُنهنکي ڪرم ڪري ئي پرم نشڪامتا جي اسٿتي کي پائڻو آهي. پنهنجي شڪتي ۽ اسٿتي جو پريوگہ ڪري ڪرم ۾ پرورت ٿيڻ وارن گيان مارگي ساڌڪن کي ڪپي تہ ڪرم جي گڻن جي دين مڃين، پاڳکي ڪرتا مڃي اهنڪاري نہ ٿي وڃي، نرمل گڻن جي پراپت ٿيڻ تي بہ اُن آسڪت نہ هجي. پر نشڪام ڪرم يوگي کي ڪرم ۽ گڻن کي ڇيد ۾ وقت ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪونہ آهي. هن کي تہ بس سمرپڻ سان ڪرم ڪرڻا رهڻا آهن. ڪهڙو گڻ اَ -جا رهيا آهن، اهو ڏسڻ پرماتما جي ذميواري تي ويندي آهي. گڻن ۾ پريورتن ۽ قدم قدم سان اُٿڻ، اُها پرماتما اشت جي ئي دين مڃين تا ۽ ڪرم ٿيڻ کي بہ اُن جي ئي دين مڃين تا. هاڻي ڪرتاپڻي جو اهنڪار يا گڻن ۾ آسڪت ٿيڻ جي سمسيا، مثئلو اُن جي لاءِ نٿي رهي، جڏهن تہ هميشه لڳو رهي ٿو. ان تي ۽ ساٿ ئي يڌ جو سوروپ ٻڌائيندي شري ڪرشن چوندا آهن:

मयि सर्वाणि कर्माणि सन्न्यस्वाध्यात्मचेतसा।
निराशीर्निर्ममो भूत्वा युध्यस्व विगतज्वर: ।।३०।।

”مَيہ سَرِواڻي ڪَرماڻي سَنَنيسيا ڌياتِمَ چيتسا
نراشِيرنِرمَمو ڀوتِوا يُڌِيَسوَ وِگَتَجوَرَهہ (٣٠)

ان ڪري ارجن ! تون ”اَڌِياتمِچيتَسا“ انتر آتما ۾ چت

جو نروڌ ڪري، روڪي، ڌيان استٿ ٿي سمپورڻ ڪرمن کي مون ۾ ارپڻ ڪري، آشا رهت ۽ ممتا رهت ۽ دک کان رهت ٿي يڌ ڪر. جڏهن چت ڌيان ۾ استٿ آهي، ذري به ڪٿي آشا ناهي، ڪرم ۾ ممتا ڪونهي، اسَقلتا جو دک نه آهي ته اُهو پرش ڪهڙي يڌ ڪندو؟ جڏهن سيني پاسن کان چت سميٽي هرديه ۾ گهڙي ٿو ته هو لڙندو ڇا جي لاءِ، ڪنهن سان اُتي آهي ڪير؟ حقيقت ۾ جڏهن توهين ڌيان ۾ پرويش ڪندا، تڏهن يڌ جو صحيح سروپ ڪڙو ٿئي ٿو، ته ڪام ڪروڌ، راڳ دويش، آشا ترشنا وغيره وڪارن جو ميڙ، وجاتي پرورتيون جو 'ڪُرُ' چوائين ٿيون، سنسار ۾ پرورتي ڏيندي ئي رهندي آهي. رڪاوٽ جي روپ ۾ خوفناڪ حملو ڪنديون آهن. بس، انهن جو پار پائڻ ئي يڌ آهي. انهن کي مٽائيندي انتر آتما ۾ سمٽيندو وڃڻ، ڌيان استٿ ٿيندو وڃڻ ئي سچي يڌ آهي. ان تي وري زور ڏين ٿا

ये मे मतमिदं नित्यमनुतिष्ठन्ति मानवा:।
श्रद्धावन्तोऽनसूयन्तो मुच्यन्ते तेऽपि कर्मभि:।।३१।।

”يي مي مَتَمِدَمِ نِتيَمَنُتِشٽَنتي مانَواها
شِرَڌا ونِتو نَسوُيَنِتو مُچيَنِتي تيپي ڪَرِمَڀِيهه “ (٣١)

جيڪو منش دوش درشٽيءَ کان رهت ٿي شرڌا ڀاوَ سمرپڻ سان مليل هوندي سدا منهنجي ان مَت جي انوسار وَرتي ٿو ته ”يڌ ڪر“ اُهي پرش به سيني ڪرمن کان ڇٽل آهن. يوگيشور جو اهو دلاسو ڪنهن هندو مسلمان يا عيسائي جي لاءِ نه پر سچي مانَوَ جاتيءَ لاءِ آهي. اُنهنجو متو آهي ته يڌ ڪر! ان مان ائين پرتيت ٿو ٿئي ته هيءُ اُپديش يڌ ڪرڻ وارن لاءِ هو. سوڀاڳيه سان ارجن جي سامهون وِشوَ يڌ جي رچنا هئي.

توهانجي سامهون تہ ڪا يڏ ڪونهي. توهين گيتا جي پنيان چو پيا آهيو، چاڪاڻ تہ ڪرمن کان ڇٽڻ جو اُپاءُ تہ يڏ ڪرڻ وارن لاءِ آهي. پر اهڙو ڪجهہ ڪونهي. حقيقت ۾ هيءَ اَندرين لڙائي آهي. کيتر ۽ کيتر گيہ جي، وديا ۽ اوديا جي، ڌرم کيتر ۽ ڪُروکيتر جي لڙائي آهي. توهين جيئن جيئن ڌيان ۾ چت کي روڪيندا، وجاتي پرورتي رڪاوت جي روپ ۾ ظاهر ٿيندي آهي، پينکر حملو ڪندي آهي. اُنکي شانت ڪندي، چت کي روڪيندو وڃڻ ئي يڏ آهي. جو دوش درشتي کان رهت ٿي شرڌا سان ان يڏ ۾ لڳائي ٿو اُهو ڪرمن جي بنڌن کان، آواگمن کان ڇڳيءَ طرح ڇوٽڪارو پائي ٿو. جو هن يڏ ۾ پرورت نٿو ٿئي. نٿو ڪوشش ڪري، اُن جي ڪهڙي گتي ٿيندي آهي؟ ان تي چون ٿا:-

ये त्वेतदभ्यसूयन्तो नानुतिष्ठन्ति मे मतम्।
सर्वज्ञानविमूढांस्तान्विद्धि नष्टानचेतस: ।।३२।।

''يي تِويتَدَ ڀيسوُيَنتو نانوُتِشٽَنتي مي مَتَمِ
سَروَ گيانَوِموُڙها نِستانِوِڌي نَشٽانَچيتسَهہ (٣٢)

جيڪو دوش درشتيءَ وارو ''اچيتَسَهہ'' موهہ نندرا ۾ سمهيل لوڪ منهنجي من مَتَ جي انوسار نٿا هلن معنيٰ ڌيان ۾ اسٿت ٿي آشا، ممتا، دکہ کان رهت ٿي سمپورڻ سان يڏ نٿا ڪن ''سَرِوگيانِوَ موُڙهانِ'' گيان جي راهہ ۾ سدائين موهت انهن لوڪن کي تون ڪلياڻ کان پرشٽ ٿيل ڄاڻ. جڏهن اهوئي صحيح آهي تہ لوڪ چو نہ ٿا ڪن؟ ان تي چون ٿا :

सदृशं चेष्टते स्वस्या: प्रकृतेर्ज्ञानवानपि।
प्रकृतिं यान्ति भूतानि निग्रह किं करिष्यति।।३३।।

''سَدِرشَمِ چيشِٽتي سِوَسِياها پرڪرتيرگيا نَوانَپي

پرِڪرِتمِيانِتي ڀوُتاني نِگرَهہ ڪِمِ ڪَريشيتي (۳۳)

سڀ پراڻي پنهنجي پرڪرتي کي پراپت ٿين ٿا. پنهنجي سڀاءَ جي وس ۾ رهي ڪرم ۾ ڀاڱہ وٺن ٿا.ساڪيات درشي ڳ ياني بہ پنهنجي پرڪرتي جي انوسار ڪرم ڪري ٿو. پراڻي پنهنجي ڪرمن ۾ وَرتَنِ ٿا ۽ گياني پنهنجي سروپ ۾ جهڙو جنهنجي پرڪرتيءَ جو دٻاءُ آهي، اهڙوئي ڪاريہ ڪري ٿو. اهو پاڻيهي سِڌِ ٿئي ٿو. ان ۾ انڪار ڪوئي ڇا ڪندو؟ اهوئي ڪارڻ آهي جو سڀيئي لوڪ منهنجي مَت مطابق ڪرم ۾ پرورت نٿا ٿي سگهن. هو آشا ، ممتا، سنتاپ جو ٻين اڪرن ۾ راڱہ دويش جو تياڱہ نٿا ڪري سگهن، جنهن ڪري ڪرم جو هڪ جهڙو آچرڻ نٿو ٿئي. ان کي وڌيڪ ظاهر ڪن ٿا ۽ ٻيو ڪارڻ ٻڌائين ٿا-

इन्द्रियस्येन्द्रियस्यार्थे रागद्वेषौ व्यवस्थितौ।
तयोर्न वशमागच्छेत्तौ ह्यस्य परिपन्थिनौ।।३४।।

''اِندرِيَسيينِدرِيَسيارٿي راگدويشئوُ وِيَوسِٿتئوُ
تَيورَنِ وشماگڇيتَئوُ هِيَسيہَ پَريپَنِٿنَو (۳۴)

اندريون ۽ اندرين جي ڀوڳن ۾ راڱہ ۽ دويش اسٿت آهن. انهن ٻنهي جي وس ۾ نہ ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو هن ڪلياڻ مارگہ ۾ ڪرمن کان ڇٽڻ وچڻ واري رسم ۾، سرشتي ۾ هي راڱ ہ ۽ دويش خراب ڪندڙ، ستائيندڙ دشمن آهن، آرڏنا کي چورائين ٿا، ڀڄائي ڪڍن ٿا. جڏهن دشمن اندر آهن تہ ٻاهر ڪير ڪنهن سان ڇو لڙندو؟ دشمن تہ اندرين ۽ ڀوڳن سان ڳ نڌيل آهن، انتهڪرڻ ۾ آهن. هاڻي هيءَ ڀڌ بہ انتهڪرڻ جي ڀڌ آهي ڇو جو شرير ئي کيتر آهي، جنهن ۾ سَڄاتي ۽ وِڄاتي ٻئي پرورتيون، وديا ۽ اوديا رهن ٿيون، جيڪي مايا

جا ٻہ انگہ آهن. انهن پرورتين کان پار ٿي سجاتي پرورتيءَ کي ساڌي وِجاتي جو انت ڪرڻ ئي يڳ آهي. وِجاتي پرورتيون سماپت ٿيڻ سان سَجاتي جو بہ اُنجي انترال ۾ ملي وڃڻ ان طرح پرڪرتي جو پار پائڻ يڳ آهي، جو ڌيان ۾ ئي ممڪن آهي. راڳہ دويش کي شانت ڪرڻ، روڪڻ ۾ وقت ٿو لڳي، ان ڪري گهڻا ساڌڪ ڪِريا کي ڇڏي اوچتو مهاپرش جو نقل ڪرڻ لڳي ٿا وڃن. شري ڪرشن ان کان ساوڌان ڪن ٿا:

श्रेयान्स्वधर्मो विगुण: परधर्मात्स्वनुष्ठितात्।
स्वधर्मे निधनं श्रेय: परधर्मो भयावह: ।।३५।।

”شِريياَنِسوَڌرمو وِگُڻَهہ پَرَڌَرِماتِسوَنوُشِٽِتاتِ
سِوَڌَرِمي نِڌَنَمِ شِرييَهہ پَرَڌرِمو ڀَياوَهَهہ (۳۵)

هڪ ساڌڪ ڌهن سالن کان ساڌنا ۾ لڳو پيو آهي ۽ ٻيو ساڌنا ۾ اڄ پرويش وٺي رهيو آهي. ٻنهي جي لائقي هڪ جهڙي ڪونہ هوندي، شروع وارو ساڌڪ جيڪڏهن اُن جو نقل ٿو ڪري تہ نشٽ ٿي ويندو. ان تي شري ڪرشن چون ٿا تہ سٺي نموني آچرڻ ڪيل ٻئي جي ڌرم کان گڻ رهت بہ پنهنجو ڌرم وڌيڪ اُتم آهي. سڀاءَ کان اتپن ٿيل ڪرم ۾ لڳي رهڻ جي شڪتي سِوَڌرم آهي. پنهنجي شڪتي آهر ڪرم ۾ پرورت هئڻ جي شڪتي سان ساڌڪ هڪ نہ هڪ ڏينهن پار پائي ٿو وڃي. هاڻي سِوَڌرم آچرڻ ۾ مرڻ بہ پرم ڪلياڻڪاري آهي. جتان ساڌن ڇٽندو، شرير ملڻ سان اُتان کان وري شروعات ٿيندي. آتما تہ مري ڪونہ ٿو (شرير) وستر بدلجڻ سان توهانجي ٻُڌي، ويچار بدلجي تہ نٿا وڃن؟ اڳئين وانگر سانگہ بڻائڻ سان ساڌڪ ڊپ کي پراپت ٿئي ٿو. ڊپ پرڪرتي ۾ ٿيندو آهي، پرماتما ۾ نہ ٿيندو آهي. پرڪرتي جو آورڻ پردو گهاٽو ٿيندو

ويندو.

هن ڀڳوت جي راهہ ۾ نقل گهڻو آهي. پوجيہ مهاراج جي کي هڪ ڀيري آڪاشواڻي ٿي هئي تہ انوسئيا وڃي رهو، تہ جموءَ کان چترڪوٽ آيا ۽ انوسُئيا جي گهاٽي جهنگل ۾ نواس ڪرڻ لڳا. گهٽيئي مهاتما اُتان ايندا ويندا هئا. هڪڙي ڏنو تہ پرمهنس جي دگمبر، ننگو ڌرنگہ هتي نواس ٿو ڪري، هنجو سنمان آهي تہ ترت هن لنگوٽي لاهي ڦٽي ڪئي. ڏنڊو، ڪرمنڊل هڪ ٻئي مهاتما کي ڏيئي چڙيو ۽ دگمبر ٿي پيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ آيو تہ ڏٺائين، پرمهنس ماڻهن سان ڳالهائي بہ ٿو، گاريون بہ ٿو ڏئي. مهاراج جي کي حڪم ٿيو هو تہ ڀڳتن کي ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ دڙڪو داٻ بہ ڪري، هن راهہ جي راهگيرن جي نگراني رکي. مهاراج جي جو نقل ڪري هو مهاتما بہ گاريون ڏيڻ لڳو، پر موت ۾ لوڪ ڪجهہ نہ ڪجهہ چئي وهندا هئا. مهاتما چوڻ لڳو هُتي تہ ڪير ڪجهہ چوي ئي نٿو، هتي تہ جواب ٿا ڏين.

ٻن چئن سالن کانپوءِ موٽيو تہ ڏٺائين تہ پرمهنس گديءَ تي وينو آهي، لوڪ پنکو جهولائي رهيا آهن، چنور هلائي رهيا آهن. هن جهنگل جي هڪ کنڊهر ۾ تخت گهرايو. گاديلا وچارايائين، ٻن ماڻهن کي چنور هلائڻ لاءِ مقرر ڪيائين. هر سومر تي رش بہ ٿيڻ لڳي تہ پُٽ کپي تہ پنجاهہ روپيا، ڌيءَ کپي تہ پنجويهہ روپيا. پر ”اُگهڙي اَنت نہ هوءِ بنا هوُ“ هڪ مهني ۾ ئي ڏوکڙ مان بہ ڪري هليو ويو. هن ڀڳوت پٿ ۾ نقل سات نہ ڏيندو آهي. ساڌڪ کي سِوَڌرم، پنهنجي ڌرم جو ئي آچرڻ ڪرڻ گهرجي.

سِوَ ڌرم ڇا آهي؟ ٻئين اڌياءَ ۾ شري ڪرشن سِوَڌرم جو

نالو ورتو هو تہ سِوَڌرم کي ڏسي تون يڌ ڪرڻ لائق آهين. ڪتري جي لاءِ هن کان وڌيڪ ڪلياڻڪاري مارگہ ڪونهي. سِوَڌرم ۾ ارجن ڪتري پاتو وڃي ٿو، اشارو ڪيو تہ ارجن ! جي برهمڻ آهن، ويدن جو اُپديش ڪرڻ اُنهن جي لاءِ شڌ نديءَ سمان آهي. تون ويدن کان متي اُٿ ۽ برهمڻ ٿيءُ معنيٰ سِوَڌرم ۾ پريورتن ممڪن آهي. اُتي وري چيائون تہ راڳہ دويش جي وس ۾ نہ ٿيءُ، انهي بنڌن کي ڪَٽِ. سوڌرم سڀ کان اُتم آهي، ان جو اهو مطلب ڪونهي تہ ارجن ڪنهن برهمڻ جو نقل ڪري ۽ اُن وانگر پنهنجو ويس ڪري.ھ هڪ ئي ڪرم پٽ کي مهاپرش چئن درجن ۾ ورهايو. نِڪرِشٽ، مڌيم، اُتم ۽ اَتي اُتم. هنن درجن جا ساڌڪ نمبروار شودر، وَشيہ، ڪتري ۽ برهمڻ جا نالا ڏنا. شودر واري شڪتيءَ سان ڪرم جي شروعات ٿئي ٿي ۽ ساڌنا ڪندي اُهوئي ساڌڪ برهمڻ بڻجي ٿو وڃي. ان کان بہ اڳي هو جڏهن پرماتما ۾ پرويش ڪري ٿو تہ نہ برهمڻ، نہ ڪشتريہ، نہ وئِشِو، نہ شودر، چدانندروپم شوو ڪَمِ، هو ورڻن کان متي چڙهي ٿو وڃي. شري ڪرشن چون ٿا ”چاتورِيَہ وَرڻِمِ مَياسِرشٽَم چئن ورڻن جي رچنا مون ڪئي. تہ ڇا جنم جي آڌار تي ڪرم ورهايا ويا؟ نہ گُڻَ ڪَرِمَ وياڳشھہ“ گڻن جي آڌار تي ڪرم ورهايا ويا، ڪهڙو ڪرم؟ ڇا سنسارڪ ڪرم؟ شري ڪرشن چون ٿا نہ نيمڪ ڪرم، نيمڪ ڪرم ڇا آهي؟ اُهائي يگيہ جي پرڪريا، جنهن ۾ هوندو آهي سواس ۾ پساھہ جو هَوَن، اندرين تي سنيم وغيره، جنهنجو شڌ ارٿ آهي يوگہ، ساڌنا، آرڌنا، آراڌيہ ديو تائين پهچڻ واري خاص وِڌي ئي آرڌنا آهي هن آرڌنا کي ئي چئن درجن ۾ ورهايو ويو جهڙي شڪتي وارو

پرش هجي، اُن کي اُن درجي کان شروع ڪرڻ گهرجي، اهو ئي سڀ ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو سِوَڌرم آهي. جيڪڏهن جي هو اڳئين جو نقل ڪندو ته ڀڄ پراپت ٿيندو. سڀ نشٽ ته نه ٿيندو، ڇو جو ان ۾ ٻج جو ناس ته نه ٿيندو. ها، هو پرڪرتي جي دٻاوَ سي ڊنل، ديں هيڻ ضرور ٿي ويندو. ٻارن جي درجي جو وديارٿي وڏي درجي ۾ وهڻ لڳي، ته سناتڪ ڇا ٿيندو، هو پهرين شروعاتي ورڻ مالا کان ٻه رهجي ويندو. ارجن سوال رکيو آهي ته منش سِوَڌرم جو آچرڻ ڇو نه ٿو ڪري سگهي؟

अर्जुन उवाच

अथ केन प्रयुक्तोऽयं पापं चरति पूरुषः।
अनिच्छन्नपि वार्ष्णेय बलादिव नियोजितः।।३६।।

ارجن اواچ

”اَٿ ڪينَ پرِيُڪتويَمِ پاپَمِ چرَتي پُرُشَهه
انيڇنپي واشريٽييه بَلادِوَ نِيوجِتَه “(٣٦)

هي ڪرشن! پوءِ هيءُ پرش زوريءَ ڇڪي لڳايا ويا. ڪي پاڻ پنهنجي ليکي نه چاهيندي به ڪنهنجي پريرڻا سان پاپ جو آچرڻ ڪري ٿو؟ توهانجي مَت جي انوسار ڇو نٿو هلي سگهي؟ ان تي يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا:

श्रीभगवानुवाच

काम एष क्रोध एष रजोगुणसमुद्भवः।
महाशनो महापाप्मा विद्ध्येनमिह वैरिणम्।।३७।।

شري ڀڳوان اُواچ

”ڪامَ ايش ڪروڌ ايشو رجوگڻسَمُدِ ڀوَهه
مَهاشنو مَهاپاپما وِدِييِنَمِهَه وَئيرِڻم (٣٧)

ارجن! رجوگڻ مان اتپن هي ڪام ۽ هي ڪروڌ، راڳہ دويش جا ئي پورڪ آهن. هينئر مون جنهنجو ذڪر ڪيو آهي، ان وشيہ ۾ تون اُنهن کي ئي شترو ڄاڻ. هاڻي ان جو اثر ٻڌائين ٿا -

धूमेनाव्रियते वह्निर्यथादर्शो मलेन च।
यथोल्बेनावृतो गर्भस्तथा तेनेदमावृतम्।।३८।।

”ڌُوميناوِرَيتي هوَهِنِرِيٿادَرِشو مَلين چَ
يَٿولِبيناوِرِ تو گَرِڀِسَتَٿا تينيدماوِرِتَمِ “ (٣٨)

جيئن دونهين سان اگني ۽ مٽل سان درپڻ، آرسي ڍڪجي ويندي آهي، جيئن پردي سان گرڀ ڍڪيل ٿيندو آهي، ٺيڪ ائين ئي ڪام ڪروڌ وغيره وڪارن سان هيءُ گيان ڍڪيل آهي. آلي لڪڙي جلائڻ سان دونهون ئي دونهون ٿيندو آهي. رَڪہ ٿي بہ ڪو اُلو، روشني ۽ خوشبوءِ جو روپ نٿو پائي ميراڻ سان ڍڪيل آرسيءَ تي جهڙي طرح پاڇو صاف نٿو ٿئي، سنهي پردي جي ڪري گرڀ ڍڪيل رهي ٿو، ائين ئي انهن وڪارن جي هوندي پرماتما جو ساکيات گيان نٿو ٿئي.

आवृतं ज्ञानमेतेन ज्ञानिनो नित्यवैरिणा।
कामरूपेण कौन्तेय दुष्पूरेणानलेन च।।३९।।

”آوِرِتمِ گيانميتين گيانِنو نِتِيوَئيرٽا
ڪام رُوپيڻ ڪؤنتييہَ دُشِپوُريٽا نَلينَ چہَ “ (٣٩)

ڪؤنتييہ !اگربتي وانگر پاڳن سان نہ ترپت ھئڻ وارا، گيانين جو هميشھ جو ويري هن ڪام سان گيان ڍڪيل آهي. هاڻي تہ شري ڪرشن ڪام ۽ ڪروڌ بہ دشمن ٻڌايا. ڏنل سلوڪ ۾ هو صرف هڪ شترو ڪام جو نالو وٺن ٿا. حقيقت ۾ ڪام ۽

ڪروڌ جو انترياو آهي. ڪم پورو ٿيڻ تي ڪروڌ سماپت ٿي ويندو آهي، پر ڪامنا سماپت نٿي ٿئي ڪامنا پورتي ۾ دير يا رڪاوٽ پوڻ سان ڪروڌ وري اُڀري ايندو آهي. ڪام جي گود ۾ ڪروڌ پيو لڪل آهي. هن دشمن جو نواس ڪٿي آهي؟ ان کي ڳوليون ڪٿي؟ نواس ڄاڻڻ تي به هن کي سيني ٻڄن کي نشٽ ڪرڻ ۾ سهوليت رهندي. ان تي شري ڪرشن چون ٿا.

इन्द्रियाणि मनो बुद्धिरस्याधिष्ठानमुच्यते।
एतैर्विमोहयत्येष ज्ञानमावृत्य देहिनम्।।४०।।

''اِندِرِياڻِي مَنو بُڌِرسِيا ڌِشٺانَمُچيتي
ايتَئيرِ وِموَهَيَتِييش گِيانَماوِرِتيہ ديهِنَمِ '' (۴۰)

اندريون، من ۽ ٻڌي هن جي رهڻ جي استان چيا وڃن ٿا. هيءُ ڪام ان من، ٻڌي ۽ اندرين جي دواران ئي گيان کي ڍڪي جيو آتما کي موهہ ۾ وجهن ٿا.

तस्मात्त्वमिन्द्रियाण्यादौ नियम्य भरतर्षभ।
पाप्मानं प्रजहि ह्येनं ज्ञानविज्ञाननाशनम्।।४१।।

''تَسماتِوَمِندِرِ ياڻياديُوُ نِيَمِيہ ڀَرتَرشَڀَ
پاپمانَمِ پرَجهي هِييِنمِ گِيان وِگِيانَناشَنَمِ (۴۱)

ان ڪري ارجن ! تون پهرين اندرين کي ''نيميہ'' سنيم ۾ رکہ، ظابطي ۾ رکہ. دشمن هنجي اندر ۾ لڪل آهي. هو تنهنجي شرير جي اندر آهي. ٻاهر ڳولڻ سان هو ڪٿي ڪونہ ملندو. هي هرديہ ديش جي اندرئين جڳت جي لڙائي آهي. اندرين کي وس ۾ ڪري گيان وگيان جو ناس ڪرڻ واري هن پاپي ڪام کي ئي مار. ڪام سڌو پڪڙ ۾ نہ ايندو. تنهنڪري وڪارن جي نواس استان کي ئي گهيري وٺ، گ هيراءُ ڪر، اندرين کي سنيم ۾ رک، ظابطي ۾ رک. پر

اندرين ۽ من کي ظابطو ڪرڻ تہ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇا اسين اهو ڪري سگهنداسين؟ ان تي شري ڪرشن توهانجي شڪتي ٻڌائيندي اُتساهت ڪن ٿا:

इन्द्रियाणि पराण्याहुरिन्द्रियेभ्यः परं मनः।
मनसस्तु परा बुद्धिर्यो बुद्धेः परतस्तु सः।।४२।।

''اِندِرِياڻي پراڻِياهُرِندِرِيِيَڀيہ پَرَمِ مَنَهہ
مَنَسَسِتوُ پرا ٻُڌِرِيو ٻُڌي پَرَتَسِتوُسَهہ (۴۲)

ارجن! هن شرير مان تون اندرين ڪان پري ارٿات سوکيم ۽ ٻلوان ڄاڻ، اندرين ڪان پري من آهي هي اُن ڪان بہ ٻلوان آهي. من ڪان پري ٻُڌي آهي ۽ جو ٻُڌي ڪان بہ تمام پري آهي، اُها تنهنجي آتما آهي. اُهوئي تون آهين. ان ڪري اندريون، من ۽ ٻڌيءَ کي پڪڙڻ ۾ تون سمرٿ آهين.

एवं बुद्धेः परं बुद्ध्वा संस्तभ्यात्मानमात्मना।
जहि शत्रुं महाबाहो कामरूपं दुरासदम्।।४३।।

''ايوَمِ ٻُڌيهہ پَرَمِ ٻُڌوا سَنِستَڀِياتما نَماتِمَنا
جَهِہ شترو مِ مهاباهو ڪام روُپَمِ دُراسَدَمِ (۴۳)

ان طرح ٻڌيءَ ڪان پري ارٿات سوکيم ۽ ٻلوان پنهنجي آتما کي ڄاڻي، آتم ٻل کي سمجھي، ٻڌيءَ دواران پنهنجي من کي وس ۾ ڪري ارجن! هن ڪام روپي خراب شتروءَ کي مار. ڪام هڪ پاپي دشمن آهي. اندرين جي دواران هي آتما کي موهت ڪري ٿو، تہ تون پنهنجي شڪتي سمجھي آتما کي ٻلوان سمجھي ڪام روپي دشمن کي مار، ڇوڻ جي ضرورت ڪونهي تہ هيءُ شترو اَندريون آهي ۽ يڏ بہ انتر ديش جي ئي آهي.

تاتپرج :

گهڻو ڪري گيتا پريمي وياکيا ڪرڻ وارن هن اڌياءُ کي ڪرم يوگ نالو ڏنو آهي پر اهو پورو نہ آهي، صحيح نہ آهي.

ٻئين اڌياءَ ۾ يوگيشور ڪرم جو نالو ڪنيو. هنن ڪرم جي مهتو کي ظاهر ڪري اُن ۾ ڪرم جڳياسا جاڳرت ڪئي ۽ هِن اڌياءَ ۾ هنن ڪرم جو ورنن ڪيو تہ يگيہ جي پرڪريائي ڪرم آهي. سِڌَ آهي تہ يگيہ ڪوئي مخصوص حالت ڪونهي. ان ڪان سواءِ جو ڪجهہ بہ ڪيو وڃي ٿو، اُهو هن لوڪ جو ٻنڌن آهي. شري ڪرشن جنهن کي چوندو اُزهدو صڪرم ”موڪِشيَسي شُيابِت“ سنساري ٻنڌن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ وارو ڪرم آهي.

شري ڪرشن يگيہ جي اُتپتي ٻڌائي، هو ڏئي ڇا ٿو؟ اُنجي خاصتين جو چترڻ ڪيو، ذڪر ڪيو، يگيہ ڪرڻ تي زور ڏنو. هنن چيو هن يگيہ جي پرڪريا ئي ڪرم آهي. جيڪي نٺا ڪن سي پاپ سان پريل، آرام چاهڻ وارا اجايو جيئَنِ ٿا پنهنجي جيون وئرٿ وڃائين ٿا. اڳين ڏينهن ۾ هئڻ وارن مهرشين بہ انکي ڪري ئي پرم نئشڪرميہ سِڌيءَ کي پاتو آهي. آتم ترپت هئا، اُنهن جي لاءِ ڪرم ضروري ڪونہ هو، پوءِ بہ پٺيان وارن جي مارگدرشن لاءِ هو بہ ڪرم ۾ چڱيءَ طرح لڳا رهندا هئا. اُنهن مهاپرشن سان شري ڪرشن پنهنجي ڀيٽ ڪئي تہ منهنجو بہ هاڻي ڪرم ڪرڻ سان ڪوئي پريوجن ڪونهي، مان بہ پٺيان وارن جي ڀلائيءَ لاءِ ئي ڪَرِم ۾ وَرتان ٿو شري ڪرشن صاف پنهنجو پريچيہ ڏنو، واقفيت ڏني تہ هو هڪ يوگي آهي. هنن ڪرم ۾ پرورت ساڌڪن کي چلائمان نہ ڪرڻ لاءِ چيو. ڇو جو ڪرم ڪري ئي ساڌڪ کي استٿي پراپت لاءِ ڌيان ۾ استٿ ٿي يڌ ڪرڻي آهي. اکيون بند آهن. اندرين کي سميٽي چت تي قبضو ٿيو تہ يڌ ڪهڙي؟ ان وقت ڪام ڪروڌ، راڳہ دويش رڪاوٽون ٿينديون آهن. انهن وجاتي پرورتين جو انت پائڻ يڌ آهي. آسُري سمپد، ڪروڪيتر وجاتي پرورتين کي آهستي آهستي چندبيندي ڌيان استٿ ٿيندو وڃڻ ئي يڌ آهي. حقيقت

۾ ڏيان ۾ ئي يڌ آهي،اهوئي هن اڌياءُ جو تاتپرج آهي، جنهن ۾ نہ ڪرم ٻڌايو نہ يگيہ. جيڪڏهن يگيہ سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ ڪرم سمجهہ ۾ اچي. اجا تہ ڪرم سمجهايو ئي نہ ويو آهي.

هن اڌياءَ ۾ صرف اسٿت پرگيہ مهاپرش جي سڪيل پهلوءَ تي زور ڏنو ويو. هيءَ تہ گروجن لاءِ اشارو آهي. هو نہ بہ ڪن تہ اُنهن ڪي ڪوئي نقصان ڪونہ ٿيندو ۽ اُئين نہ ڪرڻ ۾ انهن جو ڪجهہ لاڀ ڪونهي، پر جن ساڌڪن ڪي پرم گت جي اچا آهي، اُنهن جي لاءِ خاص ڪجهہ چيو ئي ڪونهي تہ هيءَ ڪرم يوگہ ڪهڙو آهي؟ڪرم جو سوروپ بہ صاف ڪونهي، جنهن ڪي ڪيو وَڃي چاڪاڻ تہ يگيہ جي پرَڪِريا ڪرم آهي هيلتائين هنن ايترو ئي ٻڌايو آهي. يگيہ تہ ٻڌايو ئي ڪونہ، ڪرم جو سروپ خلاصو ڪٿي ٿيو؟ ها، يڌ جو حقيقي چترڻ گيتا ۾ اهوئي پاتو ويو آهي.

سچي گيتا تي درشٽي ڪريون تہ اڌياءَ ٻئين ۾ ڪٿي بہ شرير ناسونت آهي، تنهنڪري يڌ ڪر گيتا ۾ يڌ جو اهوئي مضبوط ۽ سچو پچو ڪارڻ ٻڌايو ويو. اڳيان گيان يوگہ جي باري ۾ ڪتري لاءِ يڌ ئي ڪلياڻ جو هڪ ئي ساڌن ٻڌايو ويو ۽ چيو ويو تہ هيءَ ٻُڌي تنهنجي لاءِ گيان يوگہ جي وشيہ ۾ ٻڌائي ويئي. ڪهڙي ٻُڌي؟ اهائي تہ هار جيت ٻنهي درشٽين ۾ لاڀ ئي آهي. اُئين سمجهي يڌ ڪر. وري اڌياءَ ٽوٿين ۾ چيو تہ يوگہ ۾ اسٿت رهي هرديہ ۾ اسٿت پنهنجي هن شڪ، سنسي ڪي گيان روپي تلوار دواران ڪٽ. اها تلوار يوگہ ۾ آهي. اڌياءَ پنجين ڪان ڏهين تائين يڌ جي چرچا ئي ڪونهي. يارهين اڌياءَ ۾ فقط ايترو چيو تہ شترو دواران پهرين ئي ماريا ويا آهن، تون صرف نالي ماتر پرَ ۾ ڪڙو ٿي وڃ. يش پراپت ڪر. هيءُ توڪان سواءِ بہ ماريا ويا آهن. توڪان ڪرائي

وٺندو. تون انھن مڙدن کي نہ مار.

اڌياءَ پنڌرھن ۾ سنسار پنھنجي پاڙ وارو. بنياد وارو پپر جي وڻ جھڙو چيو ويو، جنھن کي بنا سنگہ روپي شستر دوارن ڪٽي اُن پرم پد جي ڳوجنا جو حڪم مليو. اڳيان اڌياوَن ۾ يڌ جو ذڪر ٿي ڪونھي. ھا! اڌياءَ سورھين ۾ اَسُرن جو چترڻ ضرور آھي، جي نرڪ جا واسي آھن اڌياءَ ٽئين ۾ ٿي يڌ جو خاص چترڻ آھي. سلوڪ ٣٠ کان سلوڪ ٤٣ تائين يڌ جو سروپ، اُنجي ضرورت، يڌ نہ ڪرڻ وارن جو وناش، يڌ ۾ ماري ڇڏڻ شترو جا نالا، اُنھن کي مارڻ لاءِ پنھنجي شڪتيءَ کي للڪار ۽ نشچي سان ٿي اُنھن کي ڪٽي ڦٽو ڪرڻ تي زور ڏنو. ھن اڌياءَ ۾ شترو ۽ شتروءَ جو اندريون سروپ ظاهر آھي، جنھنجي وناش جي پريرٽا ڏني ويئي . ھاٽي ”اوم تَتِسَدِت شريمد ڀڳوتگيتا سوُ پنسشتسوُ برھم وديايام يوگہ شاستري شري ڪرشٽاِرجُن سنوادي، **”شترو وناش پريرٽا“** نامڪ تِرتييو ڏِيَھَہ“ (٣)

ان طرح شريمد ڀڳودِ گيتا روپي اُپنِشدِ ايوَمِ برھم وديا تٿا يوگشاستر وِشَيَڪ شري ڪرشن ۽ ارجن جو سنواد ۾ شترو وناش پريرٽا نالي وارو ٽيون اڌياءَ پورو ٿيو.

اتي شريمتپرم ھنس پرمانندسيہ شِشيہ سوامي اڙگڙانند ڪِرت شريمد ڀڳودِ گيتاياھ يٿارٿ گيتا ڀاشيي ”شترو وناس پريرٽا “ نام ترتيوڏيايُھَہ.

॥ ھري اوم تَتِ سَتِ ॥